ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



جڳديش لڇاڻي

اِشاعت جو ٽيٽيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani

ساهت ۽ ڪلا جي
رچنا- ١٣٢

ايڊيٽر: لکمي کلاڻي

في انڪ: ٢٠ رپيا

Price Rs. 20/=
Annual Subscription Rs. 100/=
Life Subscription Rs. 1000/=

Year-33 سال: ٣٣
Vol-132 اَنڪ : ١٣٢
(Oct. - Dec. 2011)
آڪٽوبر- ڊسمبر ٢٠١١

ڀارت کان ٻاهر:
٥٠ يو. ايس. ڊالر

پاران: انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

اَسانجي طرفان

پروفيسر رام پنجواڻي
(سنڌي جاتيءَ جي سنجيوني)

سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو جنم شتابدي سال ٢٠ نومبر ٢٠١٠ کان ٢٠ نومبر ٢٠١١ تائين سڄي ڀارت ۾ ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي. پنهنجيءَ ڀونءِ کان اُکڙجي سڄي دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌين کي وري سرير، مانسڪ ۽ آتمڪ سطح تي ٽڙڻ ۽ ڪرڻ ۽ پنهنجي وڏڙن جي ڪلچرل ورثي جي پختي زمين تي وري نئين سر بيهارڻ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، گوبند مالهي - ڀڳونتي ناواڻيءَ سان گڏ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو بہ هڪ يگانو رول رهيو آهي.

ٻال گنگاڌر تلڪ جيئن گڻپتيءَ کي پنهنجي مراٺي لوڪن جو پرتيڪ بڻائي کين هڪ ئي سانسڪرتڪ پليٽفارم تي گڏ ڪيو، ساڳي طرز تي پنجواڻي صاحب 'جهولي لعل' کي سنڌين جو هڪ ئي واحد اشٽ ديو تسليم ڪرائي، ڏاڙو ڏاڙو ٿي ويل سنڌين کي 'سنڌيت' جي ڌاڳي ۾ پوئي ڇڏيو. دنيا جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ جتي بہ سنڌي چڱي تعداد ۾ رهن ٿا، اڄ 'جهولي لعل' جي مندرن جي استاپنا ڪئي ويئي آهي. هر سال 'چيٽي چنڊ' سنڌيت جي ڏينهن طور ملهايو ٿو وڃي. ان ڏينهن جلوسن ۾ جهولي لعل جون جهانڪيون ۽ ڀهراڻا ڪڍي، ۽ ڍولن تي ڇيڄ وجهي، ڏينهن جو عام لنگر ۽ رات جو سيٽڪ پروگرامن ۾ سنڌي گيت، سنگيت، نرتيہ، ناٽڪ جا ڪلچرل پروگرام پيش ڪيا وڃن ٿا. انهن ميلن ۾ هرهنڌ رام پنجواڻيءَ جي تيار ڪيل اُستتيءَ جي گونجار ٻڌڻ ۾ اَچيتي.

اَسين نماڻا، عيبن هاڻا، دولهہ تنهنجي درتي وڪاڻا
ناهي لڪل توکان حال، دينن جو تون ديال - آيو لعل
جهولي جهولي جهولي لعل - زنده پير اُڏيرو لعل.

رام پنجواڻيءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي، سنڌي جلسن، اُتسون، سميلنن ۾ پنهنجي مٺڪي تي ڪلام ڳائي، ڪنور جيان ڇير جامو پهري، نچي نچي همٿ هاري ويٺل سنڌين ۾ نئون روح ڦوڪيو. هنن جي اندر ۾ پنهنجي پرشارٿ سان آجيوڪا ڪمائڻ جو نئون اُتساهہ جاڳايو. پنهنجي جهوليءَ ۾ گڏ ٿيل ناڻي



رام پنجواڻي 1965 ۾ راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن
کان ساهت اڪادمي اِنعام وٺندي

تائين اسانجي سڃاڻپ کي زندهہ رکندو.

رام پنجواڻي سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙي، هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ، اُن کي ڇپائڻ لاءِ به ريسرچ اسڪالرن جي حوصلي افزائي پڻ ڪئي آهي. ان ڏس ۾ نارايڻ ڀارتي جي ڪتاب ’سنڌي لوڪ ڪلا‘ لاءِ لکيل سندس عالماڻي مهاڳ جو حوالو ڏيئي سگهجي ٿو.

رام پنجواڻيءَ جي لکيل مضمونن جو هڪ سنگره نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي مضمونن سان گڏ هڪ ئي جلد ۾ شايع ٿيل آهي. گوتم ٻڌ جي حياتيءَ تي ’پرينءَ جي پچار‘ ۾ هن روشني وڌي آهي. البت رام پنجواڻيءَ جي رچيل شعرن جو ڪو سنگرهہ اڃا تائين روشنيءَ ۾ نہ آيو آهي.

رام پنجواڻيءَ جو سنڌي سنگيت لاءِ ڪيل هڪ ٻيو اهم ڪارنامو آهي، هڪL.P ريڪارڊ ’رفيع ڳائي سنڌي راڳ‘، جنهن ۾ رام پنجواڻي پنهنجي سنگيت هيٺ محمد رفيع کان شاهہ، سچل، ٻوچل، بُليشاهہ جا سنڌي ڪلام ڳارايا آهن. سندس لکيل هڪ ڪلام ’ڪلنگيءَ وارا لعل گهڙي اچ گهر ۾‘ بہ ان ۾ شامل آهي.

رام پنجواڻيءَ کي سندس ڪهاڻين جي مجموعي ’انوکا آزمودا‘ تي ۱۹٦۴ لاءِ ساهتيہ اڪادمي پرسڪار سان نوازيو ويو. هند سرڪار بہ سنڌي جاتيءَ لاءِ ڪيل رام پنجواڻيءَ جي خدمتن جو قدر ڪندي سنہ ۱۹۸۱ ۾ کيس پدم شريءَ جو خطاب عطا ڪيو.

’مٺڪي والا پروفيسر‘ طور اسان جو ڄاتل سڃاتل هيءُ هردلعزيز هرهڪ سنڌيءَ جي ذهن تي اَڄ اُڪريل آهي. سندس ڳايل گيت ۽ ڪلام، هر سنڌيءَ جي گهر ۾ گونجن ٿا ۽ چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ تمام گهڻو ڳايا وڃن ٿا. رانجهن جا لکيل ۽ پروفيسر صاحب جا ڳايل هي گيت تہ بيحد مقبول ٿيا آهن.

منهنجي ٻيڙي اٿئي وچ سير تي، پَلئُہ پايان ٿي مان زنده پير تي
اَللجي ڇا ۾ راضي آ، اَللجي ڪنهن سان راضي آ

پروفيسر رام پنجواڻيءَ پنهنجي قول ۽ فعل سان سنڌين جي اتهاس ۾ پنهنجو نالو سونهري اکرن ۾ درج ڪرائي ڇڏيو آهي. هن پنهنجي فصيح زبان سان عام ۽ خاص سنڌين جون دليون جيتي ورتيون هيون. هر سڀا، سيمينار ۾ سندس موجودگي لازمي سمجهي ويندي هئي. هر محفل جو هو مور مڪيو ويندو هو. هن جي جلايل ’آيو لعل - جهولي لعل‘ جي مشعال سنڌين جي ايندڙ پيڙهين جي بہ راهہ روشن ڪري ڪين سنئين دڳ لائيندي رهندي. ’سنڌيت‘ کي هن بعد واقعي ڪو لهر لوڏو ڪونهي.


مان هن جئه هند ڪاليج جهڙا تعليمي اِدارا ۽ سيتا سنڌو ڀون جهڙا سانسڪرت ڪيندر اِستاپت ڪيا.

پروفيسر رام پنجواڻي ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌي ادب ۽ سنگيت ڪلا سان جڙيل هو. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ هو شاگردن کي سنڌي وشيہ پاڙهيندو هو. ڪلاسن ۾ ڪين سنڌي ڪلام ڳائي ٻڌائيندو هو. هنن کان منچ تي ناٽڪ ڪرائيندو هو. سنڌ ۾ ئي هن جا چار اصلوڪا ناول 'قيدي'، 'لطيفا'، 'چانديءَ جو چمڪو' ۽ 'اسانجو گهر' شايع ٿيا هئا ۽ سندس ٻہ ناول 'شرميلا' ۽ 'پدما' ٻين ٻولين جي ناولن جي آڌار تي لکيل هئا. 'سنڌ جون ست ڪهاڻيون' عنوان سان هن ڀارت ۾ انهن کي ٽن نمونن ۾ پيش ڪيو. (١) جيئن اُهي عوام ۾ لوڪ ڪهاڻين طور مُروج آهن (٢) جيئن شاهہ صاحب اُنهن جو پنهنجي رسالي ۾ ذڪر ڪيو آهي (٣) پوءِ ناٽڪي ويس پهرائي اُنهن کي منچ تي ٻہ آندو.

ڀارت ۾ اَچڻ بعد سندس ٻيا ٻہ ٽي ناول 'زندگي يا موت'، 'آهي نہ آهي'، 'شل ڏيئر نہ چمن' شايع ٿيا. پوين ٻن ناولن تي فلمون ٻہ تيار ڪيون ويون. شروعاتي دور ۾ ڀارت ۾ تيار ٿيل لڳ ڀڳ سيني سنڌي فلمن سان پنجواڻيءَ صاحب جڙيل رهيو. 'اباڻا ' فلم جي هن پٽ ڪٿا لکي، 'لاڏلي'، 'جهولي لعل'، 'شل ڏيئر نہ چمن'، 'هوجمالو'، 'سنڌوءَ جي ڪناري' فلمن ۾ هن ڪن ۾ اداڪاري ڪئي تہ ڪن لاءِ گيت ڳايا. هند ۾ سڀ کان پهرين فلم ڀڳت ڪنوررام تي ٽن ريلن جي فلم ٺهي هئي جيڪا سنڌ کان آيل فلم 'عمر مارئي' سان گڏ ڏيکاري ويئي. رام پنجواڻي اُن ۾ ڀڳت ڪنوررام جو رول نهايت ئي صداقت سان نباهيو هو.

رام پنجواڻيءَ جو لکيل هڪ طويل ناٽڪ 'آيو نئون زمانو' رميش جاجاڻيءَ پنهنجي سنڌو آرٽ ٿيئٽر طرفان ڪاميابيءَ سان منچ تي پيش ڪيو. ان ناٽڪ جا لڳ ڀڳ پنجاهہ شو ٿي چڪا آهن. سندس لکيل ناٽڪ 'سماج شيوڪ' جا ٻہ هيل تائين سوين شو پيش ٿي چڪا آهن.

پروفيسر پنجواڻي سنڌي ادب ۽ عوام کي هڪ وڏو، اهم، قيمتي تحفو 'سک جي سوغات' ڏنو آهي، جنهن ۾ ٻن سون سنڌي شاعرن جا لکيل هزارکن گيت، وايون، ڪافيون، ڪلام گڏ ڪري پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي اڪثر هر ميڙ محفل صوفياڻي چونڪيءَ ۾ ڳايا پي ويا آهن. سنڌي جاتيءَ جو اهي بي بها ورثو ايامن



غزل / اَرجن حاسد

-ا-

ڪجھ تہ ڏي، لائقي سچاڻي ڏي
چا گھران، ليڙ ڪا پراڻي ڏي

مسخرو آهيان، وقت نانءُ اٿم
مان گھري ٿو وڻان ڪا راڻي ڏي

ٿوري مون تي جا مهربان هجي
سانوري ذات جي مهاڻي ڏي

آبرو، قدر جي پڇاڻ ڪيان
منهنجي ايمان کي تہ واڻي ڏي

پل ٻڏان جي نہ، شرم کو ڏاريان
ٻُڪ جهليم، ايترو تہ پاڻي ڏي

تنهنجي چانئٺ تي مان هٿين خالي
پنهنجو پرساد، ڳڙ ۽ ڏاڻي ڏي

چيخ سنهڙي بہ اُپ سچو ڏاري
بي زبانن کي پڻ ڪهاڻي ڏي

نيٺ حاسد کي ڏيئي چا ڏيندين
ڪا بہ آسيس عيبھاڻي ڏي



محمد رفيع جي اڳيان گيتن واري ايل. پي. لاءِ رام پنجواڻي
سنگيت هدايتڪاري ڪندي



نظم / ڍولڻ راهي

منهنجا ڪيڏا چهرا آهن
جيڪي ڏسجان مان سو ناهيان!

1. هنجي سامهون هڪڙو چهرو
هُن جي سامهون ٻيو ڪو چهرو
ڪنهنجي سامهون ڪهڙو چهرو
جهڙو ماڻهو تهڙو چهرو
۽ ڪنهن ڪنهن جي سامهون ايندي
خود کان ئي لڄي ٿيندو آهيان!

2. ڪنهن ساڻ جتايان همدردي
من ۾ ٻيو ڪجهه هوندو آهيان
ڪنهنجي سرهائيءَ ۾ سَرهو
ڏسبو آهيان، هوندو ناهيان
جيڪو ناهيان سو نظر اَچان
ڪِئن ناهه نڳيءَ جا ٿو ناهيان؟

3. ڪوئي تہ هجي جيڪو مونکي
اَهڙو آئينو آڻي ڏي،
جيڪو مونکي منهنجو اصلي
چهرو ڪنهن وقت تہ ڏيکاري
اي ڪاش! ڪڏهن خود سان تہ مِلن
هي نقلي چهرا سڀ ڍاهيان

منهنجا ڪيڏا چهرا آهن
جيڪو ڏسجان، مان سو ناهيان!

تو ٻين کان تہ چوريءَ لڪائي ڏنو
پر وٺيو ڪين مونکي اِهو زلزلو

تنهنجي ناراضگيءَ ۾ شرافت هئي
اَڄ جي فئشن مطابق ھُيس ذائقو

هرڪو لاچار آهي، ڳنهي ٿو وٺي
گهرگهلو بي سوادِي اِهو ماڻهپو

چلولي سونهن، موسم جي چنچل هوا
سانوري رات، مرڪڻ جو دستور هو

تنهنجي چهري جي ريکا ڏني شاهدِي
توسان لڙ لڙ ڪري وينو هڪ مسخرو

چور آهيون اسان وينا چوري ڪيون
جي حصو ٿا گُهرن، تنجو آهي ڦڏو

گار ڏيندا سين حاسد کي مانائتي،
شيءِ مهورت کو ڳولهي اِهو ڪم ڪبو

68, Neel Kanth Society No.1
P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428

غزل / گوپ ڪمل



- ١ -

ماضيءَ جي جهنگل ۾ هو رلندو نہ آ
پيتيءَ مان فوٽو ڪڍي چُمندو نہ آ

ڪيتري عرصي کان خط لکندو نہ آ
ان طرح سان دوست ڪو رُسندو نہ آ

سُڌ اَٿس ڪنهن ڪنهن لڪايا هن ڇُرا
دشمنن کان هاڻي هو ڊِڄندو نہ آ

ڪوبہ موسم ڪيس هرڪائي نٿو
ڪنهن نئين ڏينهن رات لءِ سِڪندو نہ آ

ڪيترا مٽيءَ جا تہ پيا ٿا چڙهن
آئيني کي ڇهري سان اُگهندو نہ آ

جسم هردم ئي سُڪل هن جو رهيو
گهر کان نڪري مينهن ۾ پُسندو نہ آ

سيني مورن کي ڇئو ٻيو ڪِٿ نچن
هاڻي ڪو بادل هتي وَسندو نہ آ

هن کي ٻچپن ڪيئن ياد ايندو ڀلا
هو ڪڏهن پي پينگهہ تي لُڏندو نہ آ

پنهنجي مطلب لاءِ ڪجهہ پي ڪن ٿا لوڪ
ڇا ڪمل ڪنهنجي اکيان جهڪندو نہ آ

گيت / ڍولڻ راهي

طوطل ڪري تنوار
وڇڙي آيو وطن ولڙڪان
اونچي پري اڏار
ڳهيلو طوطل ڪري تنوار.......

(۱) ديسُ ڇڏي پرديس اڏاڻو
اڏري اڏري ٿي پيو ساٽو
پنهنجا پرتيي ڏارين وچ ۾
ٻڌندو ڪير پڪار؟ ڳهيلو طوطل ......

(۲) جاءِ ملي جِت ساهي پٽجي
ويهي ڪو آکيرو اڏجي
ڪاش هجي ڪو وڻ ڦل هاٽو
بک ڪان ٿيو للچار ڳهيلو طوطل ....

(۳) ديس اَجاتي ۾ هوُ ڦاٽو
جت ماڻهن جو ناهي ڪاٽو
پيچ ڏُک هڻ پٽ ۾ سپ پوڙا
ساهہ ڪڍڻ دشوار ڳهيلو طوطل ....

(۴) سوني پڃري ۾ پيو ڦاسي
اندر اٿ ئي پهر اُداسي
’راهي‘ روئي ڪنهڙا ڪوئي
ڪري اڏڻ جي ڪار ڳهيلو طوطل ....

6, Sawar House,
Srinagar Road,
Ajmer - 305007



ڪوتا / رشمي رماڻي

صرف تون

ٻڌ

ڌيان سان ٻڌ
اوندهه ۾ منهنجا هٿ
ڇا ڳولهي رهيا آهن
صرف توکي خبر آهي

ڏس
غور سان ڏس
ميرانجهڙي هٿن جي ڏنگين - ڦِڏين ليڪن ۾ لکيل
تنهنجو نالو
صرف تون ئي ٿِي پڙهين سگهين.

مان
پلي ئي ايترو ڌيري ڪجهه چوان
جو شايد مان به نه ٻڌي سگهان
پر مونکي يقين آهي
صرف تنهنجي ٻڌي وٺڻ جو
باوجود اِنجي ته
ڪافي پري آهيون اَسين هڪ ٻئي کان
پر منهنجي اندروني احساس کي
صرف تون محسوس ڪري سگهين ٿي
ڌارين جيان مون ڏانهن نه نهار
تون ڪير آهين؟
پُڇ پنهنجو پاڻ کان
اِن ڳالهه جو جواب مونکي خبر آهي
صرف تون بهتر ڄاڻيندين آهين.

آئيني ۾ لِکل کو جادو آ
ڏينهن ۽ رات کيس پيو گهوُريان

دل کي پٿر ڪري چڏيو آ تو
مان اُميدن جو ٻج ڪٿي پوکيان

کيس شڪ آهي منهنجي نيت تي
کهڙي تارازيءَ ۾ هي سچ توريان

ڪنهن دريءَ مان کِلي ٻي هٿ لوڏيو
بس ڇُني پيي وئي، اڃا سوچيان

ڪوڊ کي ٻڳوان سڀ سڏائن ٿا
پوڇي پوڇي ٻه ڪيترا پوڇيان

ياد ناهي ته ڪجهه ته گُم ٿيو آ
بي سبب ڇا اَلائي پيو ڳوليان

هر طرف صرف ٻوڙا ڏسجن ٿا
ڪنهن سان مان حال دل جو هٿ اوريان

ايڏو ٽڪڙو نه هل، پڇي نه سگهان
دوست هوريان، سچڻ، ذرا هوريان

وقت تي جنهن ڪڏهن نه سات ڏنو
ان جي لاءِ پنهنجو ماس ڇو ڪوريان

سڀ چون ٿا ڪمل ٻُرو شخص آ
ڪِئن پُراڻي هيءَ دوستي ٽوڙيان

24, Vishram Society
Padamji Park, Pune - 411002
&
P.O. Box 1691, Dubai (U.A.E)

غزل / ونود آسوداڻي



- ا -

سچ کي سچ چوندين وٺندو
من جي ڪجهه ٻڌندين وٺندو

چپ مان پڻ ظاهر آهي
چوري چپ چوندين وٺندو

هلڪو آهي، هلبو پڻ
تڪڙي وک کڻندين وٺندو

غلطيون ڪر پل ڪر ليڪن
غلطين مان سکندين وٺندو

منزل جي ڳولها ۾ تون
سچ وانگر رلندين وٺندو

اک ۾ ڳوڙهو سهڻو آ
پر ڪنهن لاءِ رئندين وٺندو

هارايان سولو ناهي
بازي ڪا کٽندين وٺندو

لڪ چپ گڏجي راند ڪيون
پهريان تون لڪندين وٺندو

وڪڻ لاءِ وينو آهيان
هڪ سپنو وٺندين وٺندو

ٻار جيان سوچڻ سکبو
ڪي غلطيون ڪندين، وٺندو

ڪنهن مان ڪجهه ورتو ناهي
ته به ڪوڙا پڇندين وٺندو.

عورت

عورت کي خبر ناهي
پنهنجي عورت هجڻ جو مطلب
ساڳارڻ هوندي آهي هوءَ آڪاس جيان
پر اڻڄاڻ نه اندروني پول پٽلين کان.

عورت کي خبر ناهي
پنهنجي عورت هجڻ جو جادو
هنجي ديهه جو سهڻو پڻ
بدلجي ويندو آهي پهاڙيءَ ۾
۽ درد جي ديوار کي ٽوڙي ڪري
ڦٽندا آهن نسلن جا سلا
جنم وٺندي آهي نئين ديهه.

عورت نه ٿي ڄاڻي پنهنجي طاقت
مرد جي ٿڪانَ، رنجُ، خاليپڻو ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه
چُوسي وٺندي آهي سُني مسڪُني جيان.
عورت کي خبر ناهي
پنهنجي خوبصورتيءَ جي طاقت
رنگوليءَ جي رنگن سان گهر ئي نه سجائيندي آهي
سجائي ڇڏيندي آهي هوءَ ٻيو به گهڻو ڪجهه.

عورت کي خبر ناهي
ڪيترو وڏيڪ چوندي آهي هنجي چپ
آخر
سنسارجي سيني کان سني ڪوتا آهي
عورت.

83, Survodyanagar,
Indore (MP)

ڪوتا/ رتن آڏتاڻي

سورج جي ستن گھوڙن واري رٿ
جيئن ئي گذري منهنجي دَرڪان
مان ٽِپُ ڏيئي چڙهي ويٺس
اُن ۾
پوءِ تہ سڄو ڏينهن ڪا رفتار هئي!
اُن وچ ۾ رٿ مان اُڇلجندا ڏٺم،
ٻاهر
منهنجا سپنا
منهنجا پيار
منهنجا ڪتاب
منهنجا اَرمان.
ڊوڙ ڏڪڙ ۾
جڏهن منهنجا حال بيحال ٿيا،
تہ رستي تي بيٺل راهگيرن
(جي ڪجھ وڏيڪ جهان ديده پئي لڳا)
چلائي چيو :
بيوقوف! لهي وڃُ!!
پرايڏي اسپيڊ ۾ لهان تہ ڪيئن لهان؟
آخر اوچتو
چانڊنيءَ جو آنچل
لهرائيندو اَچي ويو نزديڪ
جنهنکي پڪڙي جهپُ ڏنم

-۲-

شڪ وهم ڪين ڏين آرايون
محل بي محل ڪُرن آرايون

بوليءَ جون، ملڪ جون، دنيا جون
آ تمنا تہ لحن آرايون

ڪوئي آخر ڪٿي ڪيڏا ڏڏڙا
رات ساري ٿيون جلن آرايون

باهہ ڪيڏي رکي سانڍي من ٿو
هوريان هوريان ٿيون ڪنين آرايون

تنگ آهن لڳي ٿو مون ملن هوءِ
ڪر دعا شال چڙهن آرايون

45/D, Hemu Kalani Square,
Jaripatka,
Nagpur - 440014



غزل / هوندراج بلواڻي

اوندهہ جي آلبم ۾، منهنجو بہ آهي فوٽو
صبح شام ڪنهن محل، سوڙهو اُجي گهڻي ٿو.

هڪ ٽروري جو ڪرتب، گهر ۾ ڪري اُجالو
در بند، دريون بند، پوءِ بہ ليئو پوي ٿو.

بدرو ڪڏهن ڏکيرو، پاڇو بہ آهي مون جيان
ڏينهن ۾ الائي ڪيڏا، قَد بُت مٽي وڃي ٿو.

سپنن جي پياس آهيءَ، بس پياس ئي رهي ٿي،
جيڏانهن نظر کڄي ٿي، ڏُنڌ ئي نظر اَچي ٿو.

آڪاشُ فرشُ ناهي، رانديون ڪندو رهيو آ،
ڌرتيءَ تي پير هُن جو، بس قسمتي پوي ٿو.

دهشت جي هٿ ۾ بم آ، ان تي آ تنهنجو نالو
تنهنجي بجاءِ ڪٿن ڏس، ٻئي تي وڃي ڪِري ٿو.

جهنجهٽ ڪٽي مٽي تي، هلندو آ رات ڏينهن هو
تڏهين تہ پاڻ کي هوُ تازو سدا لڳي ٿو.

172, Maharathi Society,
Sardarnagar,
Ahmedabad - 382475

جيئن تيئن.
پرتيستائين تہ ڪيترو نہ دور نڪري ويو هئس!

سڀ ڪجھ اَجنبي ٿي ويو
سچائيءَ ڪان ٻاهر.
صفائي ڏيندي سپني کي ائين ئي چيم:
رات جي پيانڪتا کان ڊڄي -
ڀڄي نڪتو هئس.

Opp: Nagbai Temple,
Near. T.V. Station,
Gandhigram-Junagadh

ايڪانڪي ناٽڪ چٽاڀيٽي

رچنا پاران دوست سندر منگھناڻيءَ جي سهڪار سان 'ايڪانڪي ناٽڪ چٽاڀيٽي' جو آيوجن ڪيو ويو آهي.

اديب دوست پنهنجا اڻڇپيل ايڪانڪي ناٽڪ ٣٠ اَپريل ٢٠١٢ تائين موڪلي سگھن ٿا. ناٽڪن جي پرک لاءِ رچنا طرفان ناٽڪ ڪلا جا ڄاڻو جج مقرر ڪيا ويندا. پهريون انعام هڪ هزار روپيا، ٻيون انعام پنج سو روپيا ۽ ٽيون انعام اڍائي سو روپيا ڏنو ويندو ۽ اهي انعامي ناٽڪ رچنا جي ايندڙ انڪن ۾ شايع بہ ڪيا ويندا.

لکمي کلاڻي
سمپادڪ - رچنا

تصويرون / لکمي ڪلاڻي



۱. آهه وڏي للڪار
اَڪ مان ماکي لاهڻ
مڙسالن جي ڪار

۲. منهن جو آ موچارو
واڻي مني ماکيءَ مثل
اندر جو آ کارو

۳. نت نئون وڳو
پهري پرڪرتي پاڻ پسايو
وينو ڏس رڳو

۴. جيون جو هڪ ئي سُک
پني ڪنهي هڪ ٻئي جي
مٽايون پنهنجو ڏُک

۵. سهڻيون سفيد ڪُنيون
بارش کان بچڻ لاءِ کوليون
پرين پنهنجون ڇٽيون

۶. ڪيڏا نه ڪچا رشتا
توڙ نباهڻ کان اڳ ئي آيا
اجل جا هي فرشتا

۷. لاکي جي هيءَ ويل
پرلاءِ پکين جو اَچيٽو
اُت صبح سويل

۸. ڪوريئڙي منڊيو مانداڻ
ڪاڄ ڪائي، چار ڪي به
سميٽي ويو پاڻ

۹. هي للوارث لاش
شهري ڀيچ ڊوڙ ۾ لتاڙيل
جيئرو هجي ها ڪاش!

۱۰. ڊيل جي مست چال
جوانن سان گڏ ٽياهن
هي ٻڍا به بيحال

۱۱. هي لنگڙو ڪُتو
پونگڙن تي پهرو ڏيندڙ
اٿئي ماريو ڇتو.

۱۲. وڻ جون ٽاريون
ارڌ ناريشور جيان وکوڙيل
ڪيڏيون نه پياريون

۱۳. صبوح صبوح اخبار
چانهه جي چشڪيءَ سان
هي خبرون مزيدار

۱۴. ڪجهه نه بدليو آ
بوتل اُها ئي پراڻي
ها، شراب نئون آ

6, Maleer, Ward 4-A
Adipur - 370205

کوتا/ اِندرُجسوجا 'ڪومل'

نراشا

هندستان ۾ ٻہ
اَڄ ڪالھہ
اَهڙي هوا
ڪاهي پئي آهي
جو نوجوانن کي
پنهنجو، پنهنجي پتنيءَ جو
پنهنجن ٻارن جو
جنم - ڏِن
پنهنجي شاديءَ جي سالگرہ تہ
ياد آهي
پر اَفسوس!
ڪين پنهنجي ماءُ پيءُ جو
نہ جنم - دن ياد آهي
نہ شاديءَ جي سالگرہ!

پرمانند 'پياسي'
پنهنجي پروگرام جي دؤران
نوجوانن کان پڇيو تہ
هرڪنهن وٽ موبائيل فون آهي
هرڪنهن جي موبائيل ۾
پنهنجي زال جو، پنهنجن ٻارن جو
فوٽو
ضرور هوندو.
پر ڪنهن جي بہ موبائيل ۾
پنهنجي ماءُ - پيءُ جو فوٽو آهي؟
ڪنهن بہ هامي نہ ڀري!
نوجوان پيڙهيءَ ۾
پنهنجن وڏڙن لاءِ
اَڄ ڪلھہ
اُها ڀاونا، اُهو مانُ، اُهو سنمان
رهيو ئي ڪاٿي آهي؟
ڪنهن سچ چيو آهي -
اَسان هُياسين بہ ڇٽا
اَسان مِلي ڪيئي پُٽ ڇٽيا.
پر اُهي
پنهنجين - پنهنجين
زالن کي وٽيا !
اَسان اُهي ئي
بہ ڇٽا !!

Anupam Traders,
Soneta Complex,
Kala Mandir Road, Reewa-486001

ڏون ڳالهيون شهاڻي سفر ۾ ڪي وڌيڪ مزيدار ڪري رهيون هيون. اسٽينس لي ليڪ ڪنڊز هاءِ وي، شاندار ڳالهيون ۽ شاهي رستا، اسپيڊ ليمٽ اندر هلندي، آرام ڏيهه ڪار ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ جو احساس ٿيندو آهي ته هو ڪا اُچي ڪار نه پر پليس ڊرائيو ڪري رهيو آهي.

سيما هن لاءِ هندستان جي ضروري، غير ضروري سامان سان گڏ هڪ رسالو ڪٺي آئي آهي جنهن ۾ رميءَ جي تازه ترين ڪهاڻي ڇپي آهي. نڪرڻ کان اڳ چنچير جو هن اُهو رسالو ڏنو هو اسڪائيپ تي، رسالو گهٽ ڪو وڏو شاندار ناول وڌيڪ لڳي رهيو هو. سنڌي سنگت ۾ اَڄ به هن جي عمر جا ڪي دوست آهن جيڪي سنڌي ڪتابن ۾ چاهه رکندا آهن ۽ وقت به وقت هن کان ڪنهن نئين رسالي يا ناول جي اَچڻ جي انڪواري ڪندا رهندا آهن. سال ۾ هڪ ڀيرو دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن ديس ۾ انٽرنئشنل سميلن ٿيندو آهي جتي پئسي وارا سنڌي اَچي گڏ ٿيندا آهن، سنڌين جي مسئلن تي ڊسڪشن ٿيندو آهي، بزنيس، مارڪيٽ ۽ وڏين ڪمپنين جي لاهين چاڙهين جو ليکو چوکو ٿيندو آهي مئرين بيورو به ڊمانڊ ۾ هوندو آهي. ۽ اُتي ڪي رِشتا سيٽل ٿيندا آهن. ڪي پهچ وارا، رهائي رسائيءَ وارا، يا ڪي سنسٿائن جا بانيڪار ليکڪ پهچي ويندا آهن. پر عام رواجي غريب سنڌي ليکڪ جنهن کي پنهنجي ديش ۾ ئي نئشنل ليول تي گهٽ مان ملندو آهي، سو انٽرنئشنل ليول تي ڪيئن پهچي سگهندو؟

هن جي ڏاڍي دل چاهيندي هئي ته رمي به ڪڏهن ڪنهن اهڙي سميلن ۾ اَچي هن سان ملي، پر ائين ممڪن ئي ڪونه هو. رميءَ کان اڳ ته رميءَ جو ليکڪ گهوٽ تيار ٿي ويهندو وڃڻ لاءِ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ هن رميءَ کي گهر- ڪم ۾ ڦڪي وانگر وهندو ڏٺو هو. هوءَ اِسڪول نه ويندي هئي، ورهاڱي جي ڏک ڪري ڏاڏيءَ ڪٿ ورتي ۽ ماءُ هوش وڃائي ويٺي. هڪ ڀيري هن رميءَ جي پاءُ ڳاڻ کي ڊبيل اَکرن ۾ چيو هو ته رميءَ کي اسڪول چو نٿا موڪليو. 'يار شادي ڪري هونءَ به گهر ئي ته سنڀاليندي نه، هاڻي کان ئي ٽريننگ وٺي ته سٺو آهي.'

زندگي ڏه در بند ڪري ڪا هڪ دري کليل رکندي آهي. رميءَ کي اَلائي ڪيئن سنڌي ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهڻ جو پهريون شونق جاڳيو ۽ پوءِ لکڻ جو. اِهو چمتڪار ڪيئن ٿيو هن کي ياد ناهي. پر ايترو سو ياد آهي ته جنهن ڏينهن رميءَ هن کي ٻڌايو هو ته هوءَ ليکڪن جي ڪنهن سڀا ۾ وڃڻ لڳي آهي ته هن



ڪهاڻي / مايا راهي

ڪيئن پڙهون؟

’ڪارپڪ اَپ‘ جو بورڊ مٿڪڍو نالڊ جي ساڄي پاسي ڏسي سُريش ڪار اُن طرف موڙي. پهرئين وِنڊو تي هن پئسا ڏيئي پٽاٽو فنگر چپس ۽ مِلڪ شيڪ جو آرڊر بُڪ ڪيو ۽ ڊرائيو ڪري ٻيءِ ونڊو تان وڃي هن پارسل پڪ اَپ ڪيو. ڪلاڪ ڏيڍ تہ هن کي واهہ جو لڳي ويندو سيما جي گهر پهچندي. سيما لاءِ هن ڪئليفورنيا جون پستن جون ڏوڏيون ورتيون هيون. اَڇيون اَڇيون چمڪندڙ مُنهن کُليل ڏوڏيون، جن جي وچ مان وڏا پيارا پستا چمڪندا آهن، سيما کي ڏاڍا وڻندا آهن. ۽ هو جڏهن بہ هندستان مان آيل ساليءِ سيما سان ملڻ ويندو آهي تہ هن لاءِ وال مارٽ مان ڏوڏين جو وڏو پئڪيٽ وٺندو ويندو آهي ۽ سيما هن لاءِ هند مان ڪٺي ايندي آهي سنڌي رسالا، ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول! ۽ خاص رمي راماڻيءَ جا. رميءَ جون ڪهاڻيون ناول ۽ ڪويتائون هن کي ۽ سيما کي بيحد پسند آهن. جڏهن بہ ڪنهن رسالي ۾ هن جي ڪا رچنا ڇپجندي آهي تہ اڪثر سيما ڇنڇر رات جو اِسڪائيپ تي هن کي پڙهي ٻڌائيندي آهي. هونءَ بہ ڇنڇر شام جو ڇهين ڪان ڏهين تائين يار دوستن ۽ مٽن مائٽن جي اسڪائيپ کليل هوندي آهي. ۽ ڪنهن نہ ڪنهن کي پڪڙي وٺبو آهي لائين تي. هفتي ڀر جا حال چال ڏنا ورتا ويندا آهن ۽ ايندڙ هفتي جا ڊسڪس ڪيا ويندا آهن. نندني هن جي پتني، نيمو هن جي ڌيءَ، ۽ نيرج هن جو پُٽ، سالي سيما، دوست ديپڪ، ڪنعيو تولو، سڀ جا سڀ آتا هوندا آهن ڇنڇر جي هن سيشن لاءِ.

ڪرسپ فنگر چپس، سويٽ ملڪ شيڪ ۽ پياريون، پنهنجن پيارن

ٿولي ڳھڙيو ھُجي. ڇا اَھڙي ڪا سمسيا سنسار ۾ آھي جنھن جو ڪو بہ حل ممڪن ناھي؟

ھن آھستي سان ڪتاب کوليو، ائين پيار ۽ شرڌا سان جيئن ڪو ھندو گيتا، مسلمان قران ۽ ڪرسچن بائيبل کوليندو آھي. ۽ ھن ڪان رڙ نڪري ويئي.

’ھيءَ ڇا آھي سيما؟‘

’رسالو، جنھن ۾ رميءَ جي ڪھاڻي ڇپي آھي؟‘

’پرھيءَ، ھيءَ سنڌيءَ ۾ تہ ڪونھي.‘

’اَڙي، جيجو، سنڌي ئي آھي پر ديوناگريءَ ۾ آھي.‘

’پر سنڌي ڪٿي آھي؟ اَبَ ۾ تو ڪجھہ ڪتاب آندا ھئا اُن ۾ سنڌي بہ ھئي، پر ھن ۾ تہ فقط ھندي آھي.‘

’ھندي نہ چئو، ديوناگري چئو.‘

’اَڙي ھا، ديوناگري، واٽ سو ايور.‘

’پر چو؟، ائين چو؟‘

’سنڌي ٻارن کي ھندي ايندي آھي نہ، اُھي سنڌي ھنديءَ ۾ پڙھندا.‘

’ڏوڙ پائيندا سنڌي ٻارا سنڌي ڳالھائين ئي ڪونہ ٿا سو ھنديءَ ۾ لکيل سنڌي ڪيئن پڙھندا؟‘

تو پڙھي آھي رميءَ جي ڪھاڻي؟‘

’نہ بابا، مون توبھہ ڪئي، چار لائينون پڙھيم تہ مٿي ۾ سور اَچي پيو، گوري ونڻي پيئي. اَپيان ماترا، پنيان ماترا، ھينان مٿان لِيڪون ئي ليڪون، سنڌي ڪيئن نہ سولي سِڌي پڙھي ويندا آھيون.

’پر بہ سيما، ھيءَ ڇا ٿي رھيو آھي؟ سنڌي ٻار ھنديءَ ۾ سنڌي پڙھندا ڪونہ ۽ اَسين بزرگ اِھا سنڌي ڪيئن سمجھنداسين، ڪيئن پڙھنداسين؟ ھاڻي بڌاءِ نہ رميءَ جي ڪھاڻي ڪيئن پڙھون؟

ھيءَ سنڌي ڪيئن پڙھون؟

A1/601, Happy Valley
Manpada, Thane (W) 400610

ڪيس ايترو ئي چيو ’ليڪڪ ۽ شاعر ٿيندا آهن هوائي جهاز پاڻ سنڀالڻ.‘ هن کي جاڻ هئي تہ ساهتڪار پاوُڪ ٿيندا آهن، اُپ ۾ تراوون هڻندا آهن، هوائن ۾ سپنن جا محل اڏيندا آهن ۽ جيون جيئڻ لاءِ زمين تي جهوپڙي بہ نہ جوڙي سگهندا آهن.

اُهو ئي ٿيو جنهن جو هن کي ڊپ هو. رميءَ هڪ مهان ساهتيڪار سان شادي ڪئي. هن جو رميءَ کي پاڻ سان جهڙو، برابريءَ جو درجو ڏيئي، هن کي سکن سهنجن ۾ رکڻ ٿي چاهيو، تنهن تان هوءَ پاڻ ئي ترڪي ويئي. هڪ عورت هئڻ جي ناتي هوءَ ئي ’ميرا پارٽ مهان‘ ۾ عورت کي سيڪنڊ سٽيزن جو درجو آهي، سو هاڻ هن مهان ساهتيڪار سان شاديءَ کان پوءِ ساهتيہ ۾ بہ هن کي اُهو ئي پَدُ مليو. پتي پرميشور پهرين ۽ هيءَ پوءِ.

سيما جو ساهرو بنگلو سٽيءَ جي آئوٽ اسڪرٽس ۾ هاءِ وي جي ويجهو ئي هو. هن آخرين نظر هاءِ وي جي ٻنهي پاسي پري پري تائين ڦهليل کيتن تي وڌي. ساوڪ ئي ساوڪ پرنہ ڪو ڏهو نہ ڪو ڏتريل هاري، مشينون ئي مالڪ هيون. پاڻي ڏيڻو آهي، وقت تي آٽومئٽڪ، ڪامپيوٽر رائيز سوِچ آن ٿي ويندو، پائيپ پاڻي پهچائيندا ۽ مقرر وقت تي آف ٿي ويندو. کيتن جي وچ وچ ۾ ڪٽي پيٽرول يا آئل ڪيڻ جون مشينون لڳل آهن. مشينون پنهنجو پاڻ هلن پيون، تيل، آئل نڪري پيو. پرم ۾ رکيل وڏا شاهي ڪنٽينرس پرجن پيا ۽ ڪنهن مقرر نشان تائين پهچڻ تي پنهنجو پاڻ ٽئنڪن ۾ پرجندا وڃن. ويچارو ڪسان! ڪڏهن نصيب ٿيندو هن کي هيءُ سڀ سک سهنج، الائي ٿيندو بہ يا نہ.

هن ڏاڍي پيار سان سيما کان رسالو ورتو ۽ پل پر لاءِ اُن جي ڇُهاءَ کي محسوس ڪندو رهيو. هن کي لڳو ڄڻ هو رميءَ کي ڇُهي رهيو آهي. نہ اَهڙو سُک هن ڪڏهن نہ ماڻيو هو ۽ نہ ئي ڪڏهن اَهڙي ڪا تمنا هن ڪئي هئي. هن رميءَ کي سمورو ئي ٿي اپنائڻ چاهيو، تن، من ۽ آتما سان. هڪ سيما ئي تہ هئي جا رميءَ جي ڪهاڻين، شعرن ليکن سان گڏو گڏ هن جي جيون کي بہ هن اڳيان آڻي رکندي هئي. رمي ڪڏهن ماءُ نہ بڻجي سگهي ۽ پنهنجين ٻين نندين وڏين تمنائن وانگر هن پنهنجي ممتا کي بہ مهان ساهتيڪار جي ساهتيہ تان قربان ڪري ڇڏيو. عجب آهي نہ؟ ڪڏهن ڪڏهن اِنسان اُن گندگيءَ ۾ بہ سوئر وانگر خوش رهي سڄو جيون ڪاٽي ڇڙهندو آهي جنهن ۾ هو پاڻ ڄاڻي واڻي اَکيون

R.T.O وارن کي شڪايت ڪرڻ جي ڌمڪي بہ ڏئي ٿو پر آنو وارا مشڪي آنو اڳتي وڌائي ٿا وڃن. هو سوچي ٿو تہ انڌيريءَ ۾ ١٠ هزارن کان مٿي آٽو آهن پوءِ بہ ڪيس آٽو نٿو ملي! پرڪيس جواب ڪير ڏئي؟

نيٺ سامهون ڪيس بس ايندي نظر ٿي اچي ۽ هو بس ۾ جيئن تيئن چڙهي انڌيري اسٽيشن تي پهچي ٿو.

ڪيس چرچگيٽ وڃڻو آهي هونئن تہ هو انڌيريءَ کان شروع ٿيندڙ ڌيمي گاڏيءَ ۾ ئي چرچگيٽ ويندو آهي پر اڄ تہ هنکي هونئن ئي دير ٿي ويئي آهي. ڪيس باس کي رپورٽ بہ تہ ڏيڻي آهي! هو اڄ بوريوليءَ کان ايندڙ فاسٽ گاڏي ٿو پڪڙي.

گاڏيءَ ۾ رش تہ آهي پر جيئن تہ هيءَ بارهان دٻا گاڏي آهي، هو سولائيءَ سان گاڏيءَ ۾ گهڙي ٿو وڃي ۽ ٿورو زور لڳائي اندروهڻ وارين جڳهين جي پرسان ٿو وڃي بيهي. اڄ هو پاڻکي ٿڪل محسوس ڪري رهيو آهي. ڄڻ ڪنهن سندس بدن مان رت ست ئي ڪڍي ڇڏيو آهي. آٽو وارن جو ورتاءُ تہ وسري ٿو وڃيس پر شالنيءَ جا اکر سندس ڪنن ۾ ۽ ها من ۾ بہ ہري رهيا آهن، 'آخر بہ تون ايڏو رُباب ڇا تي ٿو بتائين؟ منهنجي پگهار تنهنجي پگهار کان ٥ هزار وڌيڪ ئي آهي. مان پنهنجي زندگي پاڻ هلائي سگهندي آهيان ....'

ها، جي هُنکي پنهنجي زندگي پاڻ هلائڻي هئي تہ پوءِ هُن مونسان شادي ڇو ڪئي؟ پنهنجي زندگي پاڻ هلائي ها نہ!

شالني سڌارٿ کان چار سال وڏي آهي. ساڳئي آفيس ۾ ڪم ڪندا آهن پر شالنيءَ جي پوزيشن بہ سڌارٿ کان وڌيڪ آهي ۽ پگهار بہ وڌيڪ آهي جنهنجي هام اڄ صبح جو هن هنئين هئي. سڌارٿ کي اُهو ڏينهن ياد ٿو اچي جڏهن هو لنچ روم ۾ ماني کائي رهيا هئا ۽ شالنيءَ جي هڪ مرهٽياڻي ساهيڙيءَ هن کان پڇيو هئو، 'شالني، اجا ڪڏهن تون اسان کي پنهنجي شاديءَ جي پارٽيءَ لاءِ ڪوٺ ڪندينءَ؟ ٽيهن سالن جي ٿي ويئي آهين. اجا جوڳي ٿي رهڻو اٿيئي ڇا.' جوڳي ٿي رهڻ جي ڳالهہ تي لنچ روم ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. شالني ماني اڌ ۾ ڇڏي اُٿي ويئي. سندس اکين ۾ لهريل ڳوڙها سڌارٿ چڱيءَ طرح ڏسي ورتا هئا.



ڪهاڻي / بنسي خوبچنداڻي

ننڍو ڏک - وڏو ڏک

'جلد ڪر شالني، مونکي آفيس لاءِ دير ٿي رهي آهي ۽ تو اڃا تائين نيرن تيار نہ ڪئي آهي. مونکي اڄ صبح جو ئي باس کي اڳئين مهيني جي پروگريس رپورٽ بہ ڏيڻي آهي. جلد ڪر ڪجھہ هٿ هلاءِ.'

'ڏسين نٿو هٿ تہ هلي رهيا آهن ۽ مونکي بہ ٻہ ئي تہ هٿ آهن، چار نہ. جي ايتري تڪڙ هيئہ تہ پاڻ نيرن ٺاهين ها نہ! توکي تہ خبر آهي تہ مون اڄ موڪل ورتي آهي.'

'ها پر منهنجي موڪل تہ ڪونهي نہ! توکي جڏهن آفيس وڃڻو هوندو آهي تہ ڪيئن نہ وقت سان نيرن ٺاهيندي آهين. باقي منهنجي لاءِ ....'

شالني رنڌڻي جي دروازي تي بيهي هٿ ڪمر تي رکي سڌارٿ ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ سندس غصو من جي ساگر مان ڇولين وانگر ٻاهر نڪري آيو ۽ رنڌڻي کان ٿورو اڳيان سري گهوٽ جي پاسي ۾ بيهي هٿ هلائيندي چوڻ لڳي،

'آخر بہ تون ايڏو رُباب ڇا تي ٿو ٻڌائين؟ (آخر) منهنجي پگهار تنهنجي پگهار کان ۵ هزار وڌيڪ ئي آهي. مان پنهنجي زندگي پاڻ هلائي سگهندي آهيان. تون مونکي ايڏو رُباب نہ ٻڌاءِ. هاڻي جي نيرن ڪرڻي اٿئي تہ چپ چاپ ٽيبل تي ويھ. نہ تہ آفيس جي ڪئنٽين تہ کُلي پيئي آهي نہ!'

ايترو چئي شالني پير پٽڪيندي رنڌڻي ۾ هلي ويئي ۽ سڌارٿ ڪيس اواڪ ڏسندو رهيو. پوءِ آهستي آهستي ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي آفيس بئگ کڻي دروازي کان ٻاهر نڪري آيو.

گهر کان ٻاهر نڪري آٽو پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر ڪو بہ آٽو وارو انڌيري اسٽيشن تي هلڻ لاءِ تيار ڪونهي. هو ٻن آٽو وارن سان جهيڳڙو بہ ڪري ٿو ۽ ڪين

ويهڻ سان ئي ڪيس موبائيل جي وڄڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ اَچي. هو پهرين تہ سمجهي ٿو تہ موبائيل پاسي واري جو وڄي رهيو آهي. پر پاسي وارو ئي ڪيس چوي ٿو، 'آپ ڪا موبائيل بج رها هي.' هو آفيس بئگ مان موبائيل ڪڍي ڏسي ٿو تہ شالنيءَ جو فون آهي. هوءَ موبائيل تي چلائي رهي آهي تہ هو فون چو نٿو کڻي. هوءَ ڪيس پندرهان دفعا فون ڪري چڪي آهي. سدارٿ اڳ ۾ ئي شالنيءَ سان ناراض هو ۽ هو بہ چلائي چوي ٿو تہ گاڏيءَ جي رش ۾ هن موبائيل جو آواز نہ ٻُڌو ۽ هوءَ جي چلائڻ بند نہ ڪندي تہ هو فون بند ڪري ڇڏيندو.

جيئن ئي هو فون بند ڪرڻ لاءِ آڱر ٿو وڌائي تہ ڪيس شالنيءَ جا سڏڪا ٻُڌڻ ۾ اَچن، سڏڪا پريندي شالني هرهر سندن پنجن سالن جي پٽ گوتم جو نالو بہ کڻي رهي آهي. سدارٿ سراپجي ٿو وڃي. سڏڪا پريندڙ شالنيءَ کان هو نرميءَ سان ٿو پڇي، 'شالني شانت ٿي. مونکي ٻڌاءِ تہ آخرڳالهہ ڇا آهي.گوتم تہ اِسڪول ويو آهي نہ؟ 'شالني سڏڪا پريندي ڪيس ٻڌائي ٿي تہ هوءَ گوتم سان گڏ اِسڪول ۾ ئي آهي جو گوتم جي ٽيچر فون ڪري ڪيس گهرايو آهي. هنکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اَچي تہ ڇا ڪري. شالني روئندي سدارٿ کي چوي ٿي، 'تون جلد ۾ جلد اِسڪول ۾ اَچ.'

سدارٿ منٽ تہ چپ ٿو ٿي وڃي پوءِ پاڻ سنڀالي زال کي چوي ٿو، 'مان ايندڙ اِسٽيشن تي لهي انڌيريءَ جي گاڏي پڪڙيان ٿو. تيسين تون گوتم کي فئملي ڊاڪٽر اشوڪ شاه وٽ وٺي وڃ. مان بہ سڌو اُتي ئي ٿو اَچان. ۽ ها گهبراءِ نہ مان جلد ئي ڊاڪٽر وٽ پهچي ٿو وڃان ۽ ڪيس فون بہ ڪري ٿو ڇڏيان. تون آٽو پڪڙي سڌو ڊاڪٽر وٽ وڃ.'

'ننڍي پنڌ تي آٽو وارو بہ نہ هلندو' شالنيءَ روئندي چيو. سدارٿ کي پنهنجو صبح جو آزمودو ياد اَچي ويو، پر گوتم کي ڊاڪٽر وٽ تہ وٺي وڃڻو هئو نہ. هو نرميءَ سان شالنيءَ کي چوي ٿو، 'آٽو واري کي ٻيڻا پئسا ڏجانءِ ۽ ڪيس گوتم جي ناچاڪائيءَ جو بہ ٻڌائجانءِ. مونکي پڪ آهي تہ توکي آٽو جلد ئي ملي ويندو جو سڀ آٽو وارا هڪ جهڙا تہ نہ آهن! هاڻي مان فون رکان ٿو ۽ جلد ڊاڪٽر وٽ پهچندس.'

هن جي دل ۾ آيو تہ هو وڃي شالنيءَ سان ڳالهائي ۽ سندس دل وٺي. پر هنڪي همٿ ئي نہ ٿي.

اُن شام آفيس ڇڏڻ کان پوءِ جڏهن هو ٻاهر نڪتو تہ شالنيءَ کي آفيس جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهندو ڏٺائين. هوءَ جيئن ئي ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪا لهي رهي هئي تہ سندس پيرکسڪي ويو ۽ پوين ڇئن پنجن ڏاڪڻ تان ٿاٻڙجندي هيٺ اَچي ڪري. سندس پرس بہ ڇڏائجي ويو ۽ سندس ڊُپٽو بہ پري اُڏامي ويو. شڪر جو هوءَ سلوار ڪُرتي ۾ هئي. جي ساڙهيءَ ۾ هجي ها تہ؟

شالنيءَ کي ڪِرندو ڏسي سڌارٿ ڏاڪڻ تان لڳ ڀڳ ٽپا ڏيندو هيٺ لٿو ۽ شالنيءَ کي هٿ ڏيئي اُٿاريائين. سندس پرس ۽ ڊُپٽو سنڀالي کيس ڏنائين ۽ کائنس پڇڻ لڳو، 'توهانکي ڪا چوٽ تہ نہ آئي؟' شالنيءَ 'نہ' ۾ جواب ڏنو ۽ سڌارٿ کي ٿئنڪس چئي اڳتي وڌي ويئي. سڌارٿ شالنيءَ کي جنهن هٿ سان سنڀالي اُٿاريو هو سندس اُهو هٿ جهڻ ٻرڻ لڳو ۽ سندس من ۽ دماغ ۾ بہ ولوڙو مچڻ لڳو. شالني ڪجهہ اڳتي وڌي ويئي هئي. سڌارٿ ڪنهن اڻچاتل شڪتيءَ جي زورتي شالنيءَ جي پنيان ٽڪڙو ٽڪڙو ويو ۽ سندس اڳيان اَچي سندس اکين ۾ نهاري چئي وينو، 'مس شالني، مان توهان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.'

ايترو چئي هو اڳتي ٿو وڌي وڃي پر شالني چپ چاپ اُتي ئي بيهجي ويئي.

ٻئي ڏينهن هو جيئن ئي آفيس ۾ پنهنجي ٽيبل تي وهي ٿو تہ کيس ٽيبل تي هڪ ننڍو سفيد لفافو ٿو ملي. هو عجب مان لفافو کولي اندران هڪ ننڍي چٺي ٿو ٻاهر ڪڍي. اُن چٺيءَ تي بس ايترو ئي لکيل آهي، ''YES''. سڌارٿ ڪنڌ مٿي ڪري ڏسي ٿو تہ شالنيءَ کي پنهنجي سامهون مشڪندو ٿو ڏسي. هو بہ مشڪي ٿو ڏئي.

اِها ست سال اڳ جي ڳالهہ آهي!

هو ماضيءَ مان ٻاهر نڪري ڏسي ٿو تہ سندس فاسٽ گاڏي دادر اسٽيشن تي پهچڻ واري آهي ۽ سندس پرسان بہ سيٽون بہ خالي ٿي ويون آهن. هو هڪ سيٽ تي وهي ٿو تہ کيس لڳي ٿو تہ سندس تنگن سان گڏ من کي بہ ڪجهہ رليف مليو آهي!



جڳديش صويراج لچاڻي

پورو نالو	:	جڳديش صويراج لچاڻي
جنم	:	۴ ڊسمبر ۱۹۲۹
جنم آستان	:	پيرڳوٺ، سنڌ (پاڪستان)
تعليم	:	ايم. اي. (هندي) ايم. اي. (سنڌي) بي. ايڊ (ايڊيوڪيشن) ساهتيہ رتن، ايم. فل (اَدب) پي. ايڇ. ڊي
پيشو	:	۱۹۵۸ع ۾ هاءِ اِسڪول ۾ ماستريءَ سان شروعات آخر ۾ ڊگري ڪاليج جي پرنسيپال جي پد تان رٽائر.
ڇپيل ساهتيہ	:	**ڪهاڻيون**

۱. خاموش زندگي (۱۹۵۷)

۲. هڪ تصوير- ٻہ پاسا (۱۹۶۱)

۳. ڏنم جي ڏينهڙا (۱۹۷۳)

ناول

۱. سُڏا (۱۹۵۹)

ناٽڪ

۲. ريڊيو ناٽڪ (۱۹۸۶)

تنقيد

۱. اَدبي شناس (۱۹۵۸)

۲. سنڌي اَدب جي روپ - ريکا (۱۹۶۶)

۳. ساهت - روپ (۱۹۸۲)

۴. اُپنياس ۽ سنڌي اُپنياس (۱۹۸۲)

۵. سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر (۱۹۹۱) (ايم. فل. جي ٿيسز)

۶. ساهتيہ جي پرک (۱۹۹۸)

NCPSL ۽ مهاراشٽرا سنڌي اڪادميءَ طرفان انعام يافتہ ڪتاب


ستارٽ ممبئي سينٽرل سٽيشن تي لهي سامهون واري پليٽفارم تان انڌيري وڃڻ واري گاڏي ٿو پڪڙي. هنجي من ۾ گوتم ۽ شالنيءَ لاءِ پيار ۽ چنتا ٻئي اڀري اَچن. هنجي اکين سامهون گوتم جو بيمار چهرو ۽ شالنيءَ جو روئندڙ چهرو ڦرڻ ٿا لڳن ۽ سندس من ۾ طوفان جا آثار ٿا لهي اَچن.

هن وقت سندس من صبح جو شالنيءَ سان ٿيل جهڳڙو ۽ شالنيءَ جا چيل تکا ويڻ وساري ويٺو آهي.

هيءُ من بہ عجيب آهي. ڪيئن نہ ننڍي ڏک کي وڏي ڏک هيٺان دٻايو ڇڏي. ۽ اِنسان؟ ڇا اِنسان من جو ايترو غلام آهي جو ننڍي ڏک ۽ وڏي ڏک ۾ تفاوت نٿو ڪري سگهي؟

ڪنهنکي خبر!

B/603, Woodland, Near Ashok Academy,
Lokhandwala Complex,
Andheri (W) Mumbai - 400053



برک سنڌي شاعر هوتو ڪالچند لعلواڻي (هوتو سنڌوُ پياسي - جنم 15-5-1933) جي ديهانت (15-08-2011)

۽



مرچومل سوني، شيوڪرام سونيءَ جي ساٿي مزاقي ڳايڪ ڪلاڪار ۽ شاعر (جنم: 1933) جي ديهانت (18-12-2011) تي اَسين سندن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

مضمون / ڊا. جڳديش لڇاڻي



ايم. ڪمل : فن ۽ شخصيت

ايم. ڪمل (١٩٢٥-٢٠١٠) هن ننڍي ڪنڊ جو هڪ وڏو شاعر آهي. هن جو پورو نالو مولچند منگهارام بندراڻي هئو، پر سنڌيءَ ۾ هو ايم. ڪمل جي نالي سان مشهور ٿيو. غزل جي شهنشاه ايم. ڪمل جو جنم ٨ آگسٽ ١٩٢٥ع ۾ ڪنڊياري (سنڌ، پاڪستان) ۾ ٿيو هئو. زال جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ايم. ڪمل زندگيءَ جا پويان ڏينهن، بيمارين ۾ ڏاڍا ڏکيا گذاريا. هو بستري حوالي رهيو ۽ ڪجهه ڏينهن تہ ڳالهائڻ بہ بند ٿي ويس. آخر هو پنهنجي حياتيءَ جا چوراسي سال پورا ڪري، ٣ فيبروري ٢٠١٠ع تي اگم ديش ڏانهن روانو ٿي ويو.

ايم. ڪمل صاف گو، خوش مزاج، بي باڪ، ٽهڪ ڏيندڙ ۽ ڪشادي مرڪ رکندڙ شخص هئو. هن جي ٽهڪن ۽ مرڪن ۾ چڀندڙ طنز ۽ داد بہ شامل رهندو هو. ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ، ايم. ڪمل کي بہ ٻين ڪيترن سنڌين جيان، ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي شرنارٿي حياتي گذارڻي پيئي. ذهين هوندي بہ، هو پنهنجي تعليم جاري رکي نہ سگهيو. پنهنجي ڪٽنب جي پرورش لاءِ، هن کي ريلوي ۾ نوڪري ڪرڻي پيئي ۽ اُتان ئي هن سنہ ١٩٨٣ع ۾ رٽاير ڪيو. ايم. ڪمل جي ساهتيہ - سرجن جو سفر، اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ رهيو. هن جي سرجن جو سروون، پڇاڙيءَ تائين ڪين سڪو. ايم. ڪمل جا ٢٠ شعري مجموعا ۽ ست ايڪانڪي ناٽڪن جا انتخاب شايع ٿيل آهن. هن ادب جي پن پن شاخ تي، پن پن طرح جي روپن، رنگن ۽ واس وارگل مهڪايا آهن، جن جي خوشبو جهڪي ٿيڻ واري ناهي.

۷.	اَدبي تصويرون (۱۹۹۹)
۸.	اَدبي انٽرويو (۲۰۰۴)
۹.	ايم. ڪمل جي شاعري (۲۰۰۷)
NCPSL پاران اِنعام حاصل ڪيل
۱۰.	اَدبي رهاڻ (۲۰۰۹)
۱۱.	نثري نظم ۽ ان جو ادبي پس منظر (۲۰۱۰)
۱۲.	موهن ڪلپنا (ساهتيہ اڪادمي، دهلي - ۲۰۰۷)
۱۳.	شيام جئسنگهاڻي (ساهتيہ اڪادمي، دهلي - ۲۰۱۱)

ٻال ساهت

۱.	جهرڪيءَ لڏو ٽڪو (۱۹۷۹)
۲.	ڪني آندي ڪنوار (۱۹۸۳)
۳.	سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (۱۹۸۶)
۴.	هڪڙو هو ڏاهري (۱۹۸۹)
۵.	گيان گنگا (۱۹۹۰)
۶.	وگيان جون آکاڻيون (۱۹۹۴)
۷.	ڪڪڙ ۽ ڪيئون (۲۰۰۹)
۸.	روشن راهه (۲۰۱۰)
۹.	آکاڻيون (۲۰۱۱)
۱۰.	روپ - نگر جي راجڪماري (۱۹۸۲)
۱۱.	گلن ڦلن جي راڻي (۱۹۸۲)
۱۲.	لعل هيري جي ٻولها (۱۹۹۲)

ترجما

۱.	اَڌوري پياس (گلشن نندا) (۱۹۵۹)
۲.	ميناڪشي (پربوڌ ڪمار سانيال) ۱۹۶۰
۳.	نرالا (پرمانند شريواستو) ۱۹۹۶

انڪانسواءِ : سڪريٽ ساهت منوهر بيديءَ سان گڏ - ۷ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ۶ ڪتاب، هنديءَ ۾ ۸ ڪتاب

سرنامو :
G-2, Rajiv Apartment
Behind Bhagwanti Navani Stage,
Goal Maidan, Ulhasnagar - 421001

، زندگيءَ جي رنج و غم، خوشي ۽ راحت، ان جو تناءُ ۽ ان سان جڙيل سماجي، سياسي يا تهذيبي شعور شامل نه ٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن قلمڪارن کي جذباتي تپت ۽ ذهني ولوڙ مان حاصل نه ڪيو آهي، ته پوءِ محض محاورن، استعارن، تشبيهن ۽ علامتن جي چمڪ ڏمڪ هڪ دوکو آهي، فريب آهي، ڇاڪاڻ ته ان بنا خيال ۾ زندگيءَ جي ڌڙڪن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ نه ايندي. ساڳئي وقت جي شاعريءَ جا نفيس نڪتا، صحيح روين موضوعن سان ٺهڪايل ناهن يعني شعر ۾ ربط، وزن، لفظي توازن، متضاد لفظن جو حسين اتحاد ۽ ٻيون لساني خوبيون ناهن ته پوءِ شعر عظمت جي مقام تي رسي نه سگهندو. اهڙو ڪلام جنهن ۾ مٿيون خوبيون ناهن، واريءَ تي اڏيل محل جيان آهي، جنهن کي وقت جي هوا جو هلڪو جهونڪو ئي ڪيرائي پٽ ڪري ڇڏيندو. ڪلام کي پختگيءَ جي ماڳ تي رسائڻ لاءِ اڀياس، لڳاتار مشق جي ضرورت آهي. ايم. ڪمل چوائي ٿو:

هڪ عمر جي پڙهڻ، ڪڙهڻ جو ڦل آهي دوست
ڪوئي ستي پيئڻ سان، سخن ور ٿئي نٿو.
ڏينهن جي نه ڳالهه آ، هت سال ٿا گهرجن
هڪ عمر کپي دوست، سخن دان ٿيڻ لاءِ.

ايم. ڪمل سنڌي ادب جي هڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن جي فن ۽ فڪر هند ۽ سنڌ ٻنهي ملڪن کي موهيو آهي. غزل سان هن جي دل جڙيل آهي. ايم. ڪمل سنڌيءَ ۾ انڪل ست سوکن غزل قلمبند ڪيا. غزل ۾ هن تمام فني خوبين جو استعمال ڪيو آهي، تشبيهه، استعارو، ڪنايو، تمثيل، علامت، تضاديه لفظن جو تڪراءُ وغيره. ايم. ڪمل جا غزل زبان جي پختگي، شعور جي بلندي، خيال جي گهرائي ۽ فني ماهريت کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪمل نهايت فني خوبيءَ سان، محاوره - بنديءَ سان، نه صرف پنهنجي خيال کي اظهاري ٿو، پر ان کي پڙ لفظ به ٻڌائي ٿو. محاورن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي پاڻ ۾ مناسبت جي صفت به ساراهه جوڳي آهي. ٻي انوکي خوبي جا ڪمل جي ڪلام ۾ ملي ٿي، سا تمثيلي فن سان وابسته آهي. علامت به منجهس خوب آهي، جا هيٺين مثالن مان ظاهر آهي. نظارو لفظن جي ميل سان، پنهنجي فڪر فن سان بلندي بخشي ٿو:

ايم. ڪمل ۾ شاعريءَ ڏانهن لاڙو مير تقي مير پيدا ڪيو. مير تقيءَ جو اردو ڪلام پڙهي، ڪمل لرزي اُٿيو. هو اُردوءَ ۾ ڪلام چوڻ لڳو؛ پر سڳن آهوجا ۽ موهن ڪلپنا جي صحبت ۾، هو سنڌيءَ ڏانهن سرڪي آيو. ايم. ڪمل سنڌيءَ ۾ ڪلام چوڻ لڳو. هن جي سنڌيءَ ۾ پهرين ڪوتا ١٩٥٣ ۾ شايع ٿي. هو ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن ايم. ڪمل ادبي ڪلاس ۾ هڪ غزل پڙهيو. غزل تي رائزني ڪندي ليکراج عزيز چيو، 'ايم. ڪمل کي غزل چوڻ جو ڏانءُ آهي، پر....' ۽ انهيءَ 'پر' کي مٽائڻ لاءِ ايم. ڪمل، عالم شاعر ليکراج عزيز جي شاگردي قبول ڪئي. عزيز کيس شعريہ نفيس نڪتا ۽ زبان جي اهميت کان روشناس ڪرايو. شعر ۾ ربط، تشبيه، تمثيل، استعارو، ڪِنايو، علامت ۽ خيال جي موزون ادائگيءَ کان واقف ڪيو ۽ محاوره - بندي توڙي چست بندش جو علم ڏنو.

ايم. ڪمل شعرو شاعريءَ کي تمام گنڀيرتا سان ڪنيو. هن پن پن شعريہ صنفن تي طبع آزمائي، منجهن گهربل تاثير اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ پوءِ چاهي اُهو نظم هجي، قطع هجي، نئين ڪوتا هجي يا وري غزل هجي. ايم. ڪمل هميشه غزل چاهي نئين ڪوتا ۾ نئين فڪر ۽ فني تجربن جو قائل رهيو. سندس ڏيان ۾ حياتيءَ جا ڪيئي بدلجندڙ پهلو اُجاگر ٿين ٿا. ايم. ڪمل جي ڪلام ۾ زندگي پنهنجي انيڪ روپن ۽ رنگن ۾ اظهار پاتو آهي. ذهني سجاڳيءَ سبب، سندس تخليقن ۾ اڄ جي حيات جي گفتار، رفتار جو آواز آهٽ، صاف پڌي ۽ ڏسي سگهجي ٿي. هن جو دلي لڳاءُ سدا غزل سان رهيو. ايم. ڪمل، غزل کي نئين سر انوکي انداز سان سنواريو، سينگاريو ۽ جرڪايو آهي. هن سنڌي غزل کي گهڻو اڳيان سوريو آهي. اهڙي دعويٰ بن راين کان آزاد آهي. سندس غزل جذبي، سوچ ۽ فڪر کي پختو شان عطا ڪيو آهي. بقول شيام جئسنگهاڻي :

'حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُيري ۽ اوج تي آئي آهي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ٿي جدت سان جڙيل سينسيبلٽيءَ کي ڪمالي بلنديءَ تي جڪي ورتو آهي. (١)

هِتي هي نڪتو بہ زيرِ - نظر رهي تہ جيسين کو کيال، شعري لباس ۾،

---

١. ايم. ڪمل جي شاعريءَ جو مهورت ڪندي ....

منهنجو وجود

طوفان جي ريت جيان

ڦهلجي ويو آهي

هڪ

اتهاس جو واءُ

ڪيس پڪيڙي ويو آهي

هيو اتهاس جو واءُ

ڪيس سميٽي هڪ جاءِ ڪندو؟

صاف ظاهر آهي تہ هي وجود، سچي سنڌ قوم جي علامت آهي. اتهاس جو واءُ بہ هتي ڪا پرولي نٿو لڳي. شاعر جو مجموعي طور پنهنجي قوم ڏانهن اشارو صاف آهي.

هئي لهسيا آهيون

اتهاس جي تابش ۾

تون، پل پهر سڏڪي

دل ۾ سورهي چپ ٿي ويو آن

مان اڃا تائين

لفظن ۾ رئان پيو ٿو.

....

ڪڏهن ڪڏهن

ذهن ۾

ڪو لفظ

چٽنگون ٿي ٻري پوندو آهي

تہ خيالن جا

ڪئي پاڇا اُڀري

روشن ٿي پوندا آهن.

شريف هو جيسين غريب هو
هاڻي هفتا ٿو ڪارائي

....

آءُ تہ پنهنجو پيار جتايون
جري لڪائي، پاڪر پايون.

ٻونگ، فريب ۽ چيندڙ طنز جا مثال آهن مٿيان شعر. طنز، ايم. ڪمل جي غزلن جي خاص خوبي آهي. ايم. ڪمل جي غزل ۾ جديد علامتون، نيون ترڪيبون ۽ عمدا استعارا استعمال ٿيل آهن:

هڪ هڪ ٿي سپ ارمان ڪمل
ڪوئيجي ويا گولف بال جيان.

....

حياتيءَ عمر جي ڪوڪي ۾
ٽنگي ڇڏيو آ ٽوال جيان.

نين حالتن مان پيدا ٿيل شعور ۽ ويچارن جي وسعت کي ماپائڻ لاءِ، جڏهن شاعرڪي روايتي ڪوتا ناڪارگر لڳي تہ 'نئين ڪوتا' جي صنف اُڀري. نئين ڪوتا اندر جي ڪوٽ ڪوٽان آهي، جنهن ۾ علامتن جو ڀرپور استعمال ٿئي ٿو. نئين ڪوتا ۾ وزن نٿو رهي، ان ڪري ڪيترن قلمڪارن نئين ڪوتا جي مفهوم کي نہ سمجهي، جيڪي ڪين آيو، ويا لکندا. پر جن ٿورن قلمڪارن نئين ڪوتا جي مفهوم کي سڃاتي، ان تي ڪلڪراني ڪئي آهي، انهن شاعرن ۾ ايم. ڪمل جو مقام ڪافي مٿاهون آهي. ايم. ڪمل نئين ڪوتا ۾ پنهنجي ذاتي مجبورين سان گڏ، سڄي قوم جي بيوسي ۽ روز مرہ واري زندگيءَ جي تمام حالتن تي بہ قلم هلايو آهي. اهو قلم ڪٿي تہ طنز جي تيز ڌار وانگر آهي ۽ ڪٿي پنهنجي دلڪش انداز ڪري، ان جو درد دل کي ڇهي ٿو وڃي:

وقت صبر جي صالح ڏني آهي
صبر وقت جي
انهن ٻنهي جي وچ ۾

هن صرف هڪ ايڪانڪي لکي آهي، جنهن ۾ مذاق، مذاق خاطر آهي؛ جنهن ۾ هن جي خوش مزاجيءَ دل کولي ٽهڪ ڏنا آهن ۽ ڏياريا آهن. ’حڪيم اجلرام‘ نالي سان لکيل ايڪانڪي، جا پوءِ ’هيلٿ سينٽر‘ جي عنوان سان، ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪئي ويئي آهي ان ايڪانڪي ناٽڪ ۾ ايم. ڪمل جي محاورن تي پڪڙ، ڊائلاگ جي ڪلا، ڊرامائي فن تي دسترس، موضوع جي نسبت ۾ چمڪي بيهي ٿي. اهي مڙيئي ڳالهيون گڏجي ليکڪ جي ناٽڪي فن مهارت جو ثبوت بہ ڏين ٿيون. گنڀير مسئلن وارن ناٽڪن ۾ ايم. ڪمل جو ’آخرين خواهش‘ ذڪر لائق ايڪانڪي ناٽڪ آهي. اُن ايڪانڪيءَ مان ليکڪ جي فهم، فڪر، هوشمنديءَ ۽ دورانديشيءَ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اِها ايڪانڪي هنديءَ ۽ مراٺيءَ ۾ بہ پيش ڪئي ويئي آهي. ڪلا چاهي موضوع، ٻنهي لحاظن کان هيءَ هڪ جديد ايڪانڪي مڃي ويئي آهي. ان جي وڌيڪ وضاحت ۾ نہ وڃي، مان صرف اُن جو هڪ ڊائلاگ پيش ڪندس، جنهن مان ناٽڪ جا فني نڪتا اُڀري بيهن ٿا. جڏهن ’آخرين خواهش‘ ۾ پنجن شخصن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي ٿي ۽ سزاکان اڳ، سندن آخرين خواهش پڇي وڃي ٿي. جواب ۾ هڪ قيدي چوي ٿو، ’منهنجي آخرين خواهش آهي تہ اصلي گنهگار کي ڳولهيو وڃي‘ ۽ پوءِ هو ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهي ٿو وڃي. هيءُ جواب نهايت چهنڊڙ ۽ غور طلب تہ آهي ئي، پر سڀئي وقت اسان جي انصاف جي سرشتي تي بہ هڪ زوردار چماٽ آهي.

ايم. ڪمل جي ’خوشخبري‘ ۽ ’ڪيل‘ بہ سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ ۾ بہ منچ تي پيش ٿي چڪا آهن. ڪيل ۾ چار ڪردار آهن: اُستاد، جهمورو، پوليس وارو ۽ مجرم. اڄ ڪوڙ جو بول بالا آهي، هيءُ ايڪانڪي ناٽڪ انهيءَ موضوع جي اردگرد ڦري ٿو. ناٽڪ جا سڀئي ڪردار اُڀري بينا آهن ۽ ايڪانڪيءَ جي مرڪزي نقطي سان چڱيءَ طرح جڙيل آهن. ناٽڪ جي گفتگوءَ جي هڪ جهلڪ ڏسو:

جهمورو: قسم بيوقوف ۽ ليبر ڪٽندا آهن.

جهمورو: (پوليس واري کي) توهين ايماندار آهيو ۽ اجا هن نوڪريءَ ۾ آهيو.

ايم. ڪمل جي ناٽڪن ۾ گفتگوءَ جي اُڪت جو اعليٰ فن تہ آهي ئي پر طنز جو بہ اِهو هڪ عمدو مثال آهي. طنز ۽ مزاح جي سنڌي ناٽڪن ۾ کوٽ آهي. ايم. ڪمل ان کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪجهہ ڪوشش اوَس ڪئي آهي.

خيال ڪجي تہ ڪيترا سوچ جا پهلو ٿا اجاگر ٿين يا ٿي سگهن ٿا، تخليقي سطح تي، سماجي سطح تي، رشتن جي سطح تي.

ايم. ڪمل جي شعر ۾ جيئن زندگيءَ جي ڏڪن جي آهٽ ٻڌجي ٿي، تيئن هن جي ايڪانڪي ناٽڪن ۾ بہ حيات جو گرم خون روان آهي. ايم. ڪمل جي ايڪانڪين جو ڪئنواس سندس شاعريءَ جيان ئي وڏو ۽ گهرو آهي. هن جي سوچ ۽ نگاهہ، زندگيءَ جي چوطرف وري ٿي. ان ڪري هن جي ايڪانڪي ناٽڪن ۾ سماجي، سياسي، ڌرمي ۽ ڪيتري حد تائين فيلسوفي ۽ منووگيان جا نڪتا بہ صاف ظاهر ٿين ٿا، جيڪي ناٽڪي فن سان خوب نباهيا ويا آهن. ايم. ڪمل ايڪانڪي ناٽڪن ۾ جيڪي تجربا ڪيا آهن، جي بعضي هلڪي مذاق جو پرم بخشن ٿا، مگر انهن جي پويان هِن زندگيءَ جون بي زيب، بي حسن حالتون آهن. ۽ جي ڪردار انهن حالتن کي خلقن ٿا، انهن تي ايم. ڪمل ناٽڪي - ڪلا سان نباهيندي، چٽي طنز جا تاندا وسايا آهن. ايم. ڪمل جي ايڪانڪي ناٽڪن جا ڪردار، اسان جي روز مره جي زندگيءَ جا جيئرا جاڳندا شخص آهن، جن کي ليکڪ ويجهائيءَ تان گهري نگاهہ سان پرکيو آهي ۽ سندن نقاب پوشيءَ کي فاش ڪيو آهي. ڪڏهن تہ اسان کي ائين لڳندو آهي تہ ڄڻ اهي سڀ اسان جا ڏٺل - وائٺل آهن ۽ اسين انهن کان بخوبي واقف آهيون. ايم. ڪمل جا ايڪانڪي ناٽڪ جن منچ تي ڏٺا هوندا، تن کي احساس ٿيو هوندو تہ ليکڪ ڪنهن کي ٿو چوٽ ڪري ۽ سندس اچاليل ٽوپيون ڪن ڪن مٿن ۾ فٽ ٿيون ٿين.

ايم. ڪمل جديد ايڪانڪين ۾ فني ۽ فڪري سطح تي ڪافي تجربا ڪيا آهن. هن جي جديد تجرباتي ناٽڪن جي سِڌي سولي زبان، ذهن کي ڏونڌاڙي، سوچڻ تي مجبور ڪندي، پنهنجي اندر ۾ ليئو پائڻ تي آماده ٿي ڪري. هن جي لاءِ مذاق براءِ مذاق ڪانهي. ان جي تہ هيٺ سوچ جي لهر بہ موجود ملي ٿي. مغربي نامَوَر ناٽڪن کان متاثر ٿي هن خام خياليءَ واريون ايڪانڪيون (Absurd) پنهنجي نجي حالتن سان لڳائي، انهن ۾ عالمي سطح وارا نڪتا پري قلمبند ڪيون آهن 'ڪانفرنس' ۽ 'فاءِ اسٽار هوٽل' ۾ هن طنزيہ ڏماڪا ڪيا آهن، جي درشڪن چاهي پاٺڪن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.

شرڌانجلي / گوپال ٺڪر



وڏو ودوان اديب سائين پدم راج شرما

سنڌي ساهت ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون هيون ۽ آهن جي سنڌيت جو هڳاءُ ڪٺي ساهت ۾ رچنائون ڪنديون آهن ۽ اُهو نہ محض هڪ ٻوليءَ ۾ بلڪ گهڻين ٻولين ۾. اَهڙي هڪ شخصيت جو مالڪ هئو سائين پدم راج ديودت شرما. هو سنسڪرت، سنڌي، انگريزي ۽ هنديءَ جو عالم هئو. سندس واتان سُر ۾ اُچارجندڙ سنسڪرت جا سلوڪ ٻڌڻ سان سوين سال پنيان ڇڏي آيل وقت جي وهڪري ۾ وهي ويندا. سائين ڪشنچند ٻيوس جي جيوني ۽ ساهتڪ حاصلات تي هنديءَ ۾ هڪ جلد لکي ڏنو آهي. انگريزيءَ ۾ عالماڻو عمدو انتخاب سياست جي ٻرندڙ مسئلن تي لکيو. پاڪستان جي حڪمرانن جي نند ڦٽي پيئي. ڪاپيون خريد ڪري ناس ڪرايائون. (ليڪ جي زباني) هيءُ ڪتاب لنڊن جي اعليٰ منروا پبلشرس اشاعت ڪرايو، جنهن لاءِ ادائي لک روپيہ معاوظو ڏنو ويو. منهنجي شخصي اچا وهي آهي تہ انگريزي ٻوليءَ ۾ جيڪي ٻہ جُلد، جن جا ليڪ سنڌي آهن ۽ اُنهن جو مواد ڪنهن نہ ڪنهن نموني سنڌيت جو واهڻ ٻڌل آهي تہ اُن جي قواعد لاءِ سنڌيءَ ۾ تاثرات (هندواسي) لکي سنڌي پاڻکن لاءِ مهيا ڪرايان. هن ڪان اَڳ پهرين ٻہ ڇئن انگريزي ڪتابن تي اَهڙي پهل ڪئي اَٿم. سائين پدم راج شرما هڪ مڪاني انگريزي ٻماهي مخزن سنڌيت ۾ لاڳيتو لکندڙ هئو. منهنجي تخليق ڪيل ڇوُ اکرا صنف تي (حيف تنهين / وطن وساريو) رِيو ڪيو هئائين.

پدم راج شرما هڪ واحد سنڌي بالا آفيسر - ائڊيشنل ڪمشنر جي پد تي

’شوڪ سيا‘ ۾ سندس ناٽڪي ڏانءُ ڏسڻ وٽان آهي. ان ۾ سندس طنزيه فن سهڻي نموني ۾ سليقي سان آيو آهي. اسان جي سنڌي ٻولي مري رهي آهي ۽ اسين وينا هڪ ٻئي جي گلي ۾ هار وجهون. ليڪڪ دل ئي دل ۾ انهن تي طنزيه نموني مشڪي ٿو. جيڪي مکوٽا چاڙهي، وڏيون وڏيون تقريرون ٿا ڪن ۽ پنهنجي مرٽينگ ٻوليءَ کي وسيلو بڻائي پنهنجو نانءُ ڪيڏڻ ٿا چاهين .... ’توهان صاحب اسان جي سماج، ساهت، ڪلا ۽ تهذيب جي نشڪام سيوا ڪئي آهي. اڄ به پنهنجي قوم جي رنج و غم جي پيڙا، حال ۽ مستقبل جي خوف جا ڌماڪا دل وَ دماغ ۾ سمائي، ماتمي چهري سان سِر تي سماج جو بارکنيو خاموش وينا آهيو ......‘

ايم. ڪمل ’ساڄن جو نيلام‘ ۾ وري گڏهه کي پرتيڪ (Symbol) بڻائي، سماج جي ڪيترين ڳالهين تي تيز طنز ڪئي آهي، جيڪا کلائڻ سان گڏوگڏ اسان کي سوچڻ لاءِ به مجبور ٿي ڪري :

’جڏهن سائين هينگ ٿو ڏئي ته پاڙي وارا هن جي مالڪ کي گاريون ٿا ڏين .... غريب جو گڏهه آهي نه، ڪنهن ليڊر يا دادا گير جو گڏهه هجي ها ته سڀ هن جي هينگ کي راڳ چئي، هن جي ساراهه ڪن ها.‘

گڏه جي سپاءِ ۾ ڏسو ناٽڪ - ڪار انساني وصفون ڪيئن ٿو ڀري :

’سائين گڏهه پنهنجن کي اِتون ٿو ھڻي، جو جو ماڻهن جي سنگت ۾ رهيو آهي.‘

’هن کي پيسومل جي گَڏهِ سان شادي ڪرڻ ناگوار آهي ڇو جو هوءَ رنگ جي ميرانجهڙي آهي.

ايم. ڪمل ڪڏهن به ڪنهن واد يا گروه سان جڙيل نه رهيو. هو هڪ اديب هئو ۽ ادب ئي هن جي زندگيءَ جو مقصد رهيو. هن سان اُٿندي وهندي، جاڳندي- سمهندي ادب سدا ساڻ رهيو .He ate, drank, wore & breath it اَهڙا اديب ئي نه صرف ادب جو مانُ مٿي ڪندا آهن، پر پاڻ به ادب ۾ وڏي مهتا ماڻي، ادب جي تاريخ ۾ زنده رهندا آهن.

Special Executive Officer
G-2, Rajiv Apartment, Gol Maidan,
Ulhasnagar - 421 001

مضمون / واسديو موهي



رويندرناٿ ٺاڪرجي گيتانجلي

سنڌي ترجما ۽ گيتانجليءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر

ڪي اَهڙا نالا هوندا آهن جن سان جُڙي عظمت خود عظيم ٿي ويندي آهي. خود ڪي اُن نالي سان برابري ڪندي نظر ايندي آهي. اِها هڪ دُرلڀ اِستٿي هوندي آهي، ۽ صدين ۾ ئي ٿيندي آهي. پنهنجي شاهہ سائينءَ سان اِها اِستٿي لڳو آهي. صديون ٿي ويون آهن، عظمت ڪي وري ڪو اهڙو موقعو نہ مليو آهي جو اُنکي پنهنجو قد وڌائڻ لاءِ پبن تي بيهڻو پوي. ساڳي ڳالهہ رويندرناٿ ٺاڪر سان جُڙيل آهي. رويندرناٿ جي خود جي ڪيل گيتانجلي جي انگريزي ترجمي تي، ١٩١٣ ۾ نوبل پرسڪار ڀارت جي ادب ڪي قداور ثابت ڪيو.

رويندرناٿ گيتانجلي لڳ ڀڳ ١٩٠٩، ١٩١٠ ڌاري لکڻ شروع ڪئي ۽ اُنجو انگريزي ترجمو ١٩١١ جي آسپاس. ميءِ جون ١٩١٢ ۾ درياهي سفر ذريعي لنڊن پهچي هن گيتانجليءَ جو انگريزي دستخط پنهنجي متر وِليم روٿينسٽين کي سونپيو، جنهن اُن جي تقاضا ڪئي هئي. اُن کي جن بہ پڙهيو، بيحد متاثر ٿيا. خاص ڪري وِليم بٽلر ييٽس. ييٽس خود حد آستاوان آستڪ هو. ٺاڪور جون پرم شڪتيءَ کي اَرپيل ۽ اُن سان ميلاپ لاءِ تڙڦ سان اوت پروت ڪوتائون جڻ هن جي من جو پڙاڏو هيون. اُنهن ڏينهن ۾ گيتانجلي، ييٽس سان سندس هر سفر ۾ گڏ هوندي هئي. اِها بہ ڳالهہ آهي تہ، ييٽس توڙي بين جو گيتانجليءَ لاءِ اُتساهہ، گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. ييٽس مواد کي زميني جڙن سان جُڙيل ۽ رويندرناٿ جي صلاحيتن کي موروثي سمجهيو. هُن

نامزد هئو. پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ هند پاڪ سرحد (راجستان) تي دشمن جي چرچ تي خالصستان جي هڪ گروه جي پوليس سان جهڙپ ٿي. جنهنجي ڪمانڊ پدم راج شرما سنڀالي هئي. خوب فائرنگ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلي. ڪي زخمي ٿيا، ڪي ماريا ويا، ڪي سرحد جي هن پار ڀڄي ويا. پدم راج جي زيرسايي پوليس کي، مشن کي ڪاميابي ملي. جنهن تي راشٽرپتيءَ هٿان پدم راج کي ڀارت جو وڏي ۾ وڏو انعام گئلينٽري اوارڊ - ويرچڪر مليو. جنهن لاءِ اسانجي پوري سنڌي جاتيءَ جو سِرُ اونچو ٿيو. ڀارت سرڪار سندس ايمانداريءَ ۽ بهادريءَ ڪري هر پرديش جي هر ضروري محاذ تي نامزد ڪري شيوائون حاصل ڪيون. هن صاحب اندراگانڌيءَ جي خاص سڪيورٽيءَ جي ٻه واڳ سنڀالي هئي جنهن وقت سنڌي رام ٽيڪچند ناگراڻي DIG هئو (هو منهنجو ماسات آهي) ڀارت سرڪار جي نمبروَن ڊپارٽمينٽ اٽامڪ انرجيءَ جي ممبئي ويڀاڳ BARC (مون اتان رٽائر ڪيو) جي سڪيورٽي ڪمانڊ طور پڻ سنڀالي شيوائون ڏنيون هئائين. اُن کان سواءِ دي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور جي سرگرمين ۾ ممبئي ليگ جو پدم راج انچارج هئو. برهمو هندو سماج جو هو ڪيترو وقت پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

پدم راج شرما کي ساهتيڪ ڪيترن ۾ ڪيترا انعام اڪرام حاصل ٿيا هئا. جنهن مان هڪ NCPSL وارن سندس ڪهاڻين جي سنگرهه 'هماليه جي سرحد لاءِ'، عطا ڪيو هئو. هن صاحب انتهائي هڪ گنڀير ڪم کي انجام ڏيڻ چاهيو، جو هئو. ساميءَ جا سلوڪ انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ. ترجمو مون کي ڏيکاريو هئائين. جو شايد هن وقت دي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جي فائيل ۾ محفوظ آهي.

ڀڄاڙيءَ جو محض چوڻ چاهيندس ته پدم راج شرما پوئين زندگي ناچاڪائي ۾ گذاري. هن صاحب جو نواس منهنجي ۽ اديب دوست بنسي خوبچنداڻيءَ جي پرسان هئڻ ڪري وقت به وقت ملاقاتون ۽ بينڪون ٿينديون هيون خاص ڪري هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا لوکنڊوالا (انڌيري ممبئي) گارڊن ۾ گڏبا هئاسين. ممبئي ساهت منڊل جون بينڪون به گهڻو ڪري سندس رهائش تي ٿينديون هيون. هڪ نيڪ، سچو ۽ ايماندار پوليس آفيسر ودوان هئو. سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج کي وڏو هاڃو پهتو آهي.

A-703, Jupiter, 4th Cross Lane,
Lokhandwala, Andheri (W), Mumbai- 400053

سائل جو ترجمو نظماڻي نثر ۾ آهي. بنيادي طور ٻئي ترجمان شاعر/ڪوي ڪونهن، ٻئي نثر نويس آهن، پر گيتانجليءَ جي ترجمي ٻنهي جي اندر ۾ ويٺل، لڪل شاعر کي ڀرپور اظهار ڏنو آهي.

رويندرنات ماءُ پيءُ جو چوڏهون ٻار هو (07.05.1861) اِسڪول جي پڙهائي هنکي راس نه آئي. گهر ۾ خانگي طور پاڙهڻ لاءِ ايندڙ وديا گرُن ۾ هڪ ڪُشتيباز به رکيل هوندو هو. پتا مهرشي ديويندرنات اِسپارٽن تربيت ۾ عقيدو رکندڙ هو، اِنڪري ٻارن کي جسماني طور ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پوندي هئي. مانسڪ وڪاس لاءِ رويندرنات کي، روز مسوريءَ نئنيتال جي لڳ ڪاندارپندڙ ٿڌ ۾، صبح جو چئين بجي اُٿي پتا جي سامهون ويهي، هنجي مُک مان اُپنشدن جا شلوڪ ٻڌڻ جو نيم مقرر ٿيل هو. چئي سگهجي ٿو ته ٻالپڻ ۾ ٻڌل اُهي شلوڪ، گيتانجليءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي، رويندرنات جي پريرڻا جا چشما رهيا. منگهارام ملڪاڻي توڙي گوبندرام سائل ٻنهي، رويندرنات جي اُن پريرڻا کي، پرپوءِ لاءِ هنجي تنوار کي، سنڌيءَ ۾ بخوبي جهٽيو آهي.

رويندرنات اِئين ته عوام جو ڪوي هو. هنجا گيت بينگال جي چپن تي هوندا هئا / آهن. سوتنترتا سنگرامي هنجا گيت ڳائيندي ڪِلندي ڦاسيءَ تي چڙهي ويندا هئا. پر هُن جي اندر ۾ گهري ايڪلتا هئي. شانتي ڌام شانتينڪيتن جي هرتا ڪرتا، رويندرنات جو من اَشانت هوندو هو. ڪا اُداسي هن جي اندروني ڪيترن ۾ دائم ديرو ڄمائي ويٺل هوندي هئي. ٻالپڻ کان، شاهي حويليءَ ۾ هو پاڻکي نوڪرن سان گهيريل پائيندو هو، هڪ طرح هو گهريلو نوڪرشاهيءَ جو شڪار هو. اُن اِسٿتيءَ هنکي وڌيڪ اُداس ڪيو. ٩ ڊسمبر ١٨٨٣ تي هنجي شادي ٿي، جاگير جي هڪ آفيسر جي ڌيءُ سان، اوچتو، هن سان ڪنهن به قسم جي صلاح نه ڪئي ويئي، نه هن کان ڪجهه پڇيو ويو. هن جو پنهنجي ڀاڄائي ڪادمبريءَ سان اَهڙي قسم جو لڳاءُ هو، جنهنکي وصف (وياکيا) جي گهيري ۾ آڻڻ ممڪن ڪونهي. ڇهن مهينن کان پوءِ ڪادمبريءَ آپگهات ڪيو. موٽ جون ڪوتائون، بيحد بيچئن ڪنديون آهن.

ليکي ٻئي غلط فهميون هيون ۽ هُنجو موهه پنگ ٿيڻ ۾ وقت نہ لڳو. رويندرناٿ جي جن رچنائن کي اروڪ آجياڻو مليو هو، اُنهن کي اروڪ ٽيڪائون بہ مليون ۽ اِهو آجياڻن ۽ ٽيڪائن جو ساٿ ساٿ سفر اڄ تائين جاري آهي. پر اِهو بہ وڏو سچ آهي تہ، ٽيڪائون رويندرناٿ جي اهميت ۾ ڪمي آڻي نہ سگهيون آهن، رويندرناٿ جي رچنائن جا تهہ جڻن جڻن کلندا ٿا وڃن، هن جي مداحن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو. اڄ تائين، رويندرناٿ جي الڳ الڳ رچنائن جا ديس پرديس ٿيندڙ ترجما اِن ڳالهہ جا گواهہ آهن.

گيتانجليءَ جي ترجمن کي ٿي ڪٿون تہ نظماٽي نثر توڙي موزون نظمي اَسلوبن ۾ اُن جا جدا جدا ٻولين ۾ ڪيترائي اَنواد ٿيا آهن. هنديءَ ۾ گيتانجليءَ جا ۴۰ کان وڌيڪ ترجما ٿيل آهن، تيلگو ۾ ۳۳ کن ۽ گجراتيءَ ۾ درزن کن ڇوڻ غير ضروري ٿو لڳي تہ بين بہ ڪيترين ٻولين ۾ گيتانجليءَ جا چڱي انداز ۾ ترجما ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ گيتانجليءَ جي ڇپيل ترجمن جو اندازي آهي. دليپ سنگهہ ماٽڪاٽيءَ جو (۱۹۲٦)، منگهارام ملڪاٽيءَ جو (۱۹۴۲) ۽ گوبندرام سلامتراءِ رائسنگهاڻي 'سائل' جو (۱۹۷٦). هڪ ڇوٿون ترجمو، سنڌالاجي، آديپور جي روح روان بانيڪارن مان هڪ، صاحب بجاڻيءَ جي ڇوڻ مطابق، ۱۹۴۰ ڌاري لعل پشپ جي پيٽويئي اَمرلعل ساڌواڻيءَ ڪيو هو، جيڪو بدقسمتيءَ سان ڇپجي نہ سگهيو. صاحب بجاڻيءَ جو ڇوڻ آهي تہ هن اُهو دستخط ڏٺو هو، پر هن وقت اُن دستخط جي ڪنهن کي بہ خبر ڪونهي تہ ڪٿي آهي. رويندرناٿ جي 'فلاورگئدرنگ' جو ترجمو هريرام ماڙيوالا جي 'ڦل ڇونڊ' سنگره (۱۹۵٦) ۾ آهي. منهنجي سامهون، البت ڳالهائڻ لاءِ گيتانجليءَ جي ٽن مجموعَن مان صرف بہ مجموعا ئي آهن جو، ۱۹۲٦ ۾ ڇپيل دليپ سنگهہ ماٽڪاٽيءَ جو ترجمو پارت ۾ ڪٿي بہ ميسر ڪونهي.

منگهارام ملڪاٽيءَ ۽ گوبندرام سائل جا ترجما پڙهڻ پنهنجو پاڻ ۾ شُکد اَنيو آهي. ٻئي ترجما هڪ ٻئي کان بلڪل علحدا هوندي بہ، ائين چئي سگهجي ٿو تہ اُهي ترجمانن جي سوجهہ ٻوجهہ ۽ ڪارج لاءِ سمرپڻ جا ضامن آهن. منگهارام ملڪاٽيءَ جو انواد موزون شاعريءَ ۾ ڪيل آهي جڏهن تہ گوبندرام

ٿيندو، باوجود اِن حقيقت جي تہ ھُن تي ويشنو پداولين جو اثر آھي. ٽُلھي ليکي پلي ھو سماج، ڌرم، تعليم، قوميت، بلڪ عالمي قوميت سان واڳيل لڳي، پر باريڪيءَ سان ڏسبو تہ ھو جماليت جو شاعر لڳندو:

’موڪلي ڏي پنھنجو ڪروڌي طوفان، موتمار انڌڪار پريو، اگر اِھائي آھي تنھنجي اِڇا ۽ ڪنوڻ جي ڦڪڻ سان آسمان کي ھڪ ڪُنڊ کان ٻيءَ ڪُنڊ تائين ڏوڏي ڇڏ‘ (گيت ۴۰ گ. س.)

(’ڪروڌي طوفان‘، ’ڪنوڻ جا ڦڪا‘ جماليات جا انوکا مثال آھن)

ھو رومانيت جي ويجھو آھي، قدرت جي ويجھو آھي، ھنجي اچاٽل سان ميلاپ لاءِ تڙپ وِرھہ جي شاھدي آھي. ھنجي ڪوتا ۾ اِلھامي عنصر رويندرناٿ کي رھسيہ وادي ڪوين جي ويجھو وٺي ٿو وڃي. گيتانجلي جو مکيہ سُر وِرھہ جو آھي. وِرھہ ۽ تڙپ، جنھن ۾ تريتيءَ لاءِ جڳھہ ڪانھي (ڏوريان ڏوريان، شال مَ ملان ھوت. شاھ). گيتانجليءَ ۾ تصوف، ويدانت جا اُھڃاڻ جان تان ملندا. پنھنجا ٻئي ترجمان، منگھارام ملڪاڻي ۽ گوبندرام سائل اِنھن اُھڃاڻن جي وچ ۾ وڏا ٿيا آھن. ھنن کي گيتانجليءَ جو ترجمو ڪرڻ پاڙن ڏانھن وڃڻ جھڙو خوشگوار سفر لڳو ھوندو. ٻئي ترجما، اِنڪري، گيتانجليءَ جي آتما کي آتم سات ڪري سگھيا آھن:

ساجن آيو، پر ۾ وينو، آءٌ نہ جاڳيس، ھيءَ اَرمان!
ننڊ نِدوري کھڙي آئي، جنھن نھوڙي ڪيو نادان!
(گيت . ۲٦ م.م)

مومل ۽ سَسُئي ياد پون ٿيون؟

منگھارام ملڪاڻيءَ جو ترجمو، جئن اڳ چيل آھي، موزون شاعريءَ ۾ آھي. ھن صاحب گھڻو ڪري چندن جو سھارو ورتو آھي، پر ڏزن کن ڪوتائن ۾ عروضي بحرن جو بہ اِستعمال ڪيو اٿس. اڪثر مثنوي اَسلوب جو آڌارورتو اٿس، پر ڪِن ڪِن ھنڌ، غزل جي ھيئيت کان بہ ڪارگر ڪونہ ڪيو اٿس، اِھو ڏيکاري ٿو تہ ترجمان پنھنجي ڪم کي مِشن طور کنيو آھي ۽ اُن سان نباھيو آھي. غزل فارم ۾ ڪيل ترجمي جو ھڪ مثال ڏسڻ دلچسپ ٿيندو:

پوءِ هن ويران گهر ۾ لاش بڻ هوندو نه ڪي
آخري پيئا اِها ئي ٿيندي هِن مسڪين جي
(گيت ٨٦ م۰م)

منگهارام ملڪاڻيءَ هن گيت جو ترجمو عُروضي بحر (بحر رمل مثمن محذوف) تي بيهاريو آهي. هن شعر ۾ نه صرف وزن جو پورو خيال رکيو ويو آهي، پر خيال سان به پورو انصاف ڪيو ويو آهي. منگهارام ملڪاڻيءَ گيتانجليءَ جي مهاڳ ۾ اِهو قبول ڪيو آهي ته هن ترجمي کي موزون شاعريءَ جي روپ ۾ آڻڻ لاءِ رام پنجواڻيءَ، چوهڙمل هندوجا ۽ پرسرام ضيا جي مدد ورتي هئي. مٿئين گيت ۾ ڪنهنجي هٿ ڪمال ڪيو هوندو، اِهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي آهي.

موت رويندرناٿ جي گيتن ۾ اَچي ضرور ٿو، پر موت هنکي نوڙي ڪونه ٿو. هنجي اندر وينل ايشوري جوڙ ۾ ڀرپور آستا (عقيدت) رکندڙ ڪوي هنکي ٽٽڻ کان بچائي رکي ٿو. ۽ گهري اُداسيءَ جي وچ ۾ به هو عقيدت کي هٿان وڃڻ نٿو ڏئي. نومبر ١٩٠٧ ۾ هنجي پياري پٽ شميندر جو مرتيو ٿيو. موت وري اَچي ٿو، پر رويندرناٿ جو گيت ڪجهه هن طرح اَچي ٿو:

اَچي، وٺو هي درجون چابيون، ڇڏيان ٿو گهر جا سڀ اڌڪار
وڃڻ کان اڳ ۾ فقط اوهان کان گهران ٿو منٺا بول به چار (گيت ٩٣ م۰م)

رويندرناٿ لاءِ موت ۽ راڳ / گيت پرم پتا سان ملڻ جو واهڻ آهن، پلي اِن پختي وشواس کي مڃيندي ته دنيا ترڪ ڪرڻ لاءِ ڪانهي، سُک ماڻڻ لاءِ آهي.

’هو واپس هليو ويندو پنهنجو نياپو ڏيئي، منهنجي صبوح ويلي مٿان سياهه پاڇو پکيڙي ۽ منهنجي پينگي گهر ۾ فقط مان ئي هڪ نڌڻڪو پيو هوندس، تنهنجي لاءِ هڪ انتم ڀيٽ‘ (گيت . ٨٦ گ.س.)

اِتي ڪن کي اِئين لڳي سگهي ٿو ته رويندرناٿ ڪو ڏارمڪ ڪوي هو. نه، بلڪل نه. هو جيون جي رس کي ماڻڻ ۾ مڃيندڙ ڪوي آهي، هنکي تلسيداس يا دانتي سان وهاري ڏارمڪ ڪويءَ جو ليبل لڳائڻ وڏي ڀُل ٿيندي، يا ميران، ڪبير، سورداس جهڙن ڪوين سان ڀيٽي هنکي ويشنو ڪوي ڪوٺڻ به ڀرم ڀريو

ظاهر ڪيو اٿم.' (ص ۱۴). البت، ٻنهي ترجمن ۾ اسان جي بزرگن 'جيون' لفظ ۾ جنس جون جيڪي لغزشون ڪيون آهن سي جيڪر سڌاريون وڃن ها ته ڪَنَ هرويرو بد ذوقيءَ جو شڪار نه ٿين ها؛ جئن (گيت . ۲۴، ۹۲، م. ع؛ گيت. ۶۹، ۹۱، ۹۵، گ. س.، وغيره) ۾ 'جيون' کي مونث ڪري ڪتبيو ويو آهي.

گيتانجليءَ جو سنڌي شاعريءَ تي ڪهڙو اثر ٿيو اُن تي جي ڳالهائينداسين ته اسانکي هرويرو مثالن جا ٿها ڪونه ملندا. اثر هميشه اُتي ممڪن هوندو آهي جتي ويجهائپ هجي، زميني طور يا اپياس طور. رويندرناٿ جي گيتانجلي ويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي جي پيدائش آهي. سنڌ ۾ اُها ضرور نوبل اِنعام بعد ئي آئي هونديءَ ڪن اديبن جو اُنکي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جو ويچار ٿيو هوندو؛ ۽ اُهو ويچار عمل ۾ به آيو ۱۹۲۶ ۾ دليپ سنگهه ماڻڪاڻيءَ جي ترجمي جي روپ ۾. تنهن کان پوءِ جا انواد ۱۹۴۲ ۽ ۱۹۷۶ ۾ آيا. ظاهر آهي ته گيتانجلي ڪنهن طرح سنڌي شاعريءَ کي اثر انداز ڪري، اهڙو ڪو به ماحول پيدا ئي ڪونه ٿيو. رويندرناٿ جي انگريزيءَ ۾ آيل ٻين گيت سنگرهن جا ترجما به سنڌيءَ ۾ آيا، جئن منگهارام ملڪاڻيءَ جو 'پريت جا گيت' (۱۹۴۰ جي آسپاس) ' گارڊنر' جو؛ اَرجن ايسراڻيءَ جو 'بال چندرما' (آڪٽوبر ۱۹۴۰) 'ڪِريسنٽ موُن' جو؛ لالچند اَمرڏني مل جو 'سدا گلاب' (سال ڄاڻل ڪونهي پر سنڌ ۾ ئي ڇپيو) 'گارڊنر' جو؛ هريرام ماڙيوالا جو 'ڦل چونڊ' (۱۹۵۶)؛ فلاور گئدرنگ جو ڦتن پرسواڻيءَ جو 'گيت گنگا' (۱۹۹۵)، وشيه مطابق چونڊ گيتن جو؛ وغيره. هاڻي، نالن مان صاف ظاهر آهي ته ترجمانن مان ڪو به مڃيل شاعر ڪونهي؛ گهڻو ڪري نثر نويس آهن. لالچند امرڏني مل پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو ته گارڊنر جو ترجمو ڪندي هُن رويندرناٿ جي گيتن جي اوٽ وٺي ڪي پنهنجيون رچنائون به مجموعي ۾ شامل ڪيون آهن، پر ڪهڙيون، اُنجو ڪٿي به ڪو نوٽ موجود ڪونهي. منگهارام ملڪاڻيءَ جو نظماڻي نثر جو مجموعو 'جوانيءَ جا جذبا، پيريءَ جون يادون' ۱۹۷۵ ۾ آيو. مونکي سڄي مجموعي ۾ ڪٿي به رويندرناٿ نظر ڪونه آيو. رويندرناٿ جو خاوند خدا آهي، منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڏيان

دل تي اَچا ٻہ تنهنجي، ٽڪ ڳهرو ڇايو آهي،
آلس اڇا اکين ۾ تنهنجي سمايو آهي.

سج جي تپت کان ڇا ٿيو، جي آسمان سهکي؟
ڇا ٿيو جي اُڃ جو واريءَ، آنچل وڇايو آهي.

ڇا ٿيو جي دک دنيا جا، تو ڏانهن آيا ڪاهي؟
تو ڪين دل ۾ سچ چؤ! آنند پرايو آهي؟
(گيت. ٥٥ م.م)
(بحر مضارع مثمن محذوف)

نہ صرف غزل فارم، ملڪاڻي صاحب، شاهہ سائينءَ جيان، هڪ اڌ گيت جو انواد دوهي سورٺي جي ملاوتي فارم واري بيت ۾ بہ ڪيو آهي:
مٽي ويندو انڌڪار، اوس ايندي پرڀات،
لهرون ٿي تو لات، ايندي عرش منجهان لڙهي.

پوءِ سندم وٽراهہ ۾، اڌندا تنهنجا ٻول،
تنهنجا شبد امول، پڻ ٽڙندا ڦلواڙ ۾.
(گيت. ١٩ م.م)

هاڻي جتي هِڪ نثر نويس ايتري لگن سان گيتانجليءَ جو ترجمو موزون شاعريءَ ۾ ڪيو آهي، ۽ گهڻي قدر نہ، پر ڪافي گهڻي قدر وزن سان نباهيو آهي، اُتي مان ويهي اِها اُپٽار ڪريان تہ هتي ۽ هُتي گيت جو وزن ٿُٽي ٿو تہ اِها منهنجي اَجائي سڄائي ڏيکاءَ بازي ٿيندي، خاص ڪري جڏهن ملڪاڻي صاحب مهاڳ ۾ خود قبوليو آهي تہ 'ڪِن لاچاري هنڌن تي وزن يا قافيي جون ڪچايون ڦڪايون رهڻ ڏنيون اٿم، پر شاعر جي اصلي ويچارن ڪي وفاداريءَ سان

جي اثر جا پيرا ملن ٿا، اِئين آسامي نقادن مڃيو آهي. ساڳيءَ طرح مڻيپوري (جيڪا بينگالي لپيءَ ۾ ئي لکي ويندي آهي)، اڙيا، ڏوگري وغيره تي جاگرافيائي ويجهائپ جي ڪري رويندرناٿ جو اثر رهيو. تيلگو ۽ مليالم جي ڪوتا تي وري رويندرناٿ جي اپياس جي ڪري اثر پيو، پر تمل تي ڪو اثر ڪونهي. ويهين صديءَ جي سنڌي شاعري عروضي شاعري هئي ۽ اُن تي غزل ڇانيو پيو هو. پنهنجا ڪلاسيڪل فارمس، دوها، سورٺا، وائي، وغيره ڪنڊ ۾ ڏِڪيل هئا.

اِنڪري، سنڌي شاعريءَ تي رويندرناٿ جو اثر پيو چوڻ، هڪ طرح غلط بياني ٿيندي.

رويندرناٿ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترن اختلافن سان گهيريل رهيو. ڪيترين وديش ياترائن ۾ شروعاتي آجياڻيءَ کان پوءِ هو بي رُخيءَ جو شڪار ٿيو (جپان ۾ قوم پرستيءَ جي خلاف تقريرن تي؛ اِٽليءَ ۾ اِٽالين ٻولي نه سمجهڻ تي اُتي جي اخبارن هنجي نالي تي ڪجهه به ڇپيو، بعد ۾ رومين رولان سان مسولنيءَ جا فاسِسٽ سرڪار کي ساراهڻ تي اختلاف ۽ هنجو پنهنجن بيانن تان هٽ ڻڻ، لاهور ۾ گرو گوبند سنگهه تي ڪوتا جي غلط ترجمي تي سِکن جو ڏمرُ وغيره)، پر ڪنهن طرح هر اختلاف جي پڇاڙي هن لاءِ شفي نڪتي تي پوري ٿيندي رهي. هنجي شاعريءَ لاءِ به اَهڙو ئي ڪجهه چئي سگهجي ٿو. وديش ۾ هنجي شاعريءَ تي شروعاتي گل ورکا کان پوءِ ييٽس سميت ڪيترا ٻيا بي رُخ ٿي ويا. هڪ سيلانيءَ يارت ۾ اَچڻ تي اِئين پڇيو 'ڇا ٽئگور سچ پچ وڏو ڪوي هو؟'، هنجو مطلب سوال مان لياڪا پائي رهيو هو. پر اِن سڀ جي باوجود اِها به حقيقت آهي ته اڄ به رويندرناٿ کي خوب ڳايو ٿو وڃي، ديس ۾ ته ڇڏيو، وديش ۾ به هو خوب پڙهيو ٿو وڃي ۽ پسند ٿو ڪيو وڃي، هنجي شاعريءَ جا سڄي دنيا ۾ ڪيترا ئي ڇاپا نڪري رهيا آهن ۽ وڪامجي رهيا آهن. ٻن ملڪن جي قومي ترانن جن گن من، سونار بنگلا جو گيتڪار هئڻ پنهنجو پاڻ ۾ گهٽ اعزاز ڪونهي. تنهن کان سواءِ تازو ئي جن گن من کي سڄي دنيا جي قومي ترانن ۾ مانائتي جڳهه ملڻ به فخر لايق حقيقت آهي (اِها ٻي ڳالهه آهي ته اِن تراني

خانہ بدوش دوشيزه تي آهي. باقي ڪو اگر ملڪاڻي صاحب جون ٻہ چار قدرت جون ڪوتائون ڪٽي ڪي تندون ملائڻ وهي تہ ڳالهہ ٻي آهي. تندون ملائڻيون ئي آهن تہ شايد دوردور ڪٿي شانتينڪيتن ۾ تعليم پرايل ڪرشن ڪتواڻيءَ جي ڪِن ڪوتائن تي هلڪو، بلڪل هلڪو عبارتي اولڙو ملي تہ ملي، جئن :

تنهنجو فوٽو منهنجي ميز تي آهي
مان ڪرسيءَ تي وينو آهيان
هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا آهيون
ماٺ ۾ ڳالهيون ڪندا آهيون
هڪ ٻئي سان جڳهہ مٽائيندا آهيون
ڪڏهين مان فوٽي ۾، تون ڪرسيءَ تي
ڪڏهين مان ڪرسيءَ تي، تون فوٽي ۾

اَيامن ڪان، اسين ڏينهن ۽ رات جيان
هڪ ٻئي پنيان ڊوڙيا آهيون
اَسانجو ملڻ وِڇڙڻ آهي ۽ وڇڙڻ ملڻ
نشچيہ ڪري نہ سگهيا آهيون
ڪير فوٽو آهي، ڪير ڪرسيءَ تي وينل.

(مرڪندي موڪل ڏي. ص. ۲۱، ۲۰۰۸ ۾ وفات کان پوءِ)

پر اِن قسم جي مثالن کي سنڌي شاعريءَ تي رويندرناٿ جو اثر مڃڻ کان مان قاصر آهيان. اثر جئن مون اڳ چيو آهي تہ زميني يعني جاگرافيائي ويجهائپ يا/ ۽ اپياس ذريعي ٿيندو آهي. بينگال جي ويجهو آسام جي ليکڪن تي رويندرناٿ جو ڪافي اثر رهيو. آسامي ڪوتا تي، رويندرناٿ جي ڪوتا جو اثر رهيو ۽ آسامي ڪوين کليءَ دل سان اُهو قبوليو بہ، جئن پدم ناٿ گوهن بروئا يا سوريہ ڪمار ڀويان، جنهن 'ڀانو نندن' ڪوتا سنگرهہ رويندر ناٿ جي 'ڀانو سنگهہ ٺاڪرپداوليءَ' تان متاثر ٿي لکيو. وڏن وڏن آسامي ڪوين تي رويندرناٿ



تيرٿ بسنت - اصول پرست ليکڪ

رنگ رليون ڪجهه ڏهاڙا، انت سڀ جو مات آ
ڏس پکي اڏري شفق ۾، نيٺ اونده ۾ ڪهن ٿا (اَياز)


شاعر شيخ اَياز جو هيءُ شاعر جڏهن ڏهن ۾ تري اَچي ٿو، تڏهن اهو احساس ٿئي ٿو، جيستائين انسان حيات آهي، تيستائين جڳ جهان هنکي روشن نظر اَچي ٿو. پر جڏهن زندگيءَ جي سفر جو انت ٿئي ٿو تہ اهو سفر اهڙي جهان طرف وڃي ٿو، جنهن جو انسانن يا سائنسدانن انت نہ لڌو آهي. پر جڏهن ليکڪ يا شاعران سفر طرف وک کڻي ٿو تہ اسين اهو ئي چئون ٿا. هو پنهنجي رچنائن ذريعي زنده آهي. سدا حيات آهي - اڄ دهلي سنڌي اڪادميءَ طرفان اَهڙي ئي سدا حيات ليکڪ تيرٿ بسنت جي مان ۾ هيءُ ادبي ميڙاڪو رکيو ويو آهي. ڪنهن بہ سماج يا ادبي اداري تي اهو بہ فرض عائد ٿئي ٿو تہ اُهو سدا حيات ليکڪن جي ورثي کي اڳتي وڌائي. دهليءَ جي نامياري سدا حيات ليکڪ تيرٿ بسنت جي فن ۽ شخصيت کي اُجاگر ڪرڻ ۽ اُن جي تخليقي پورهئي جي ورثي کي ايندڙ نسل تائين پهچائڻ وارو هيءُ مبارڪ قدم آهي.

سدا حيات ليکڪ سان منهنجي پهرين ملاقات ١٦-١٧ آڪٽوبر ١٩٨٧ ۾ دهليءَ ۾ مارئي تنظيم جي عالمي شاهہ لطيف ڪانفرنس ۾ ٿي. ٽي ڏينهن سانده صبح کان شام تائين باقاعدي هن صاحب ادبي اجلاسن ۾ نہ صرف شرڪت ڪئي پر هڪ اجلاس جي صدارت بہ ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، نارائڻ شيام، اي. جي. اُتم، سندري اُتمچنداڻي، ڪرشن

پنيان بہ هڪ اختلاف اجا تائين زنده آهي تہ اِهو جارج پنجين جي آجياڻي لاءِ لکيو ويو هو). هو دنيا يا خود ڀارت ۾ ترجمن ذريعي پهتو آهي ۽ شاعريءَ جي ترجمي ۾، اصل جو ڪيترو حصو ٻين ٻولين جي پاڙهڪن تائين پهچندو آهي اِهو ڪوڙو سچ ڪنهن کان لِڪل ڪونهي. گيتانجلي، جيڪا بينگاليءَ ۾ آهي، سا ساڳي انگريزيءَ ۾ ڪانهي، نہ صرف ڪيترن گيتن جي علحدا هئڻ جي حوالي ۾، پر اصل جي لئہ، ٻولي، تخليقي قافين سان نباهہ، گيت جي بحر سان انصاف، شبد چٽڻ، فصاحت وغيره، وغيره سڀ ڪجهہ تہ قربان ٿو ٿي وڃي. باقي رهي ٿو نثر ۽ شاعريءَ کان وانجهيل حد شعريت. خود رويندرناٿ جا ترجما نڪتہچينيءَ جو شڪار رهيا. درحقيقت انگريزي ۽ بينگاليءَ ۾ اسانکي جدا جدا ٻہ ڪوي ٿا ملن. هڪ ٽئگور، ٻيو رويندرناٿ.

رويندرناٿ پنهنجي لاءِ چوندو هو 'امي ڪوي'، مان ڪوي آهيان ۽ سچ پچ هو ڪوي هو. ڪلا هن لاءِ اندروني ضرورت هئي. اُن ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ هن وٽ پنهنجو نجو ساز هو، نجي ڏُن هئي. اَڄ سؤ سالن کان پوءِ بہ رويندرناٿ جي شاعري اسان لاءِ معنائُن جون خزينون کنيو بيٺي آهي. ڪنهن سچ چيو آهي تہ تخليقي شاعري هميشه همعصر هوندي آهي.

(سنڌي اڪادمي، دهليءَ جو ٽئگور جي جيون ۽ رچنائن تي سيمينار
(٦-٧ آگسٽ ٢٠١١)



مبارڪون

ٻال ساهتيہ جي مشهور اديب شري هوندراج ڪشنچند بلواڻيءَ کي سندس ٻال ناول 'نئون نرالو جهنگل' (٢٠٠٩) تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان سال ٢٠١١ لاءِ ٻال ساهت لاءِ انعام عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار

پيو وهي. آسمان ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ تارو هو ۽ سياري جي رات سياهيءَ جي نقاب ۾ ايراني ڪنيا جيان سنات ۽ سياٽ سمي مون اَما جي جوت جل ڌارا جي اُرهه تي پرواهه ڪندي اُهو ڪي محسوس ڪيو، جو اونهي اڻ چٽيندڙ گهاوَ مثل هينئر به منهنجي قلب کي ڏکوئي رهيو آهي. هوءَ منهنجي جند جان، پراڻ ۽ پساهه. اڳتي لکي ٿو - هن جي آسيس منهنجو پالند ميرو ٿيڻ نه ڏنو. ڪيڏي نه هئي سندس آواز ۾ مڌرتا ۽ سرلتا، جابلو نهر جيان سندس ٻول نچندو ڪڏندو، اُڇانگ ۽ چال ماريندو، هوا جي لهرن کي سنگيتميه سرلتا سان لرزا لرزا ڪري بت ۾ ٻوڏائي ۽ هنئين ۾ هيج آڻيندو هو.

تيرٿ بسنت جي جمڻ کان وٺي انت سفر تائين اسٽرگل جاري رهيو. الڳ الڳ هنڌن تي گذر بسر ۽ روزي روٽيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندو رهيو. جنهن ڪري هو باقاعدي تعليم حاصل ڪرڻ يا ڊگريون حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويو. انهيءَ جي باوجود هن کي سنڌي انگريزي، فارسي ٻولين جي نه صرف سُٺي ڄاڻ هئي پر پنهنجي اندر جي اُڇل ۽ من اندر موجود تخليقڪار جي انسپائريشن (پريرڻا) سان معياري ۽ شاندار ادب جي رچنا ڪئي. هن پنهنجي قلم ذريعي جيڪو ٻارڻ ٻاريو، تنهن اڳتي هلي ڪيس اُهو اعزاز بخشيو جنهن تي اسين فخر ڪري سگهون ٿا. تيرٿ بسنت کي ١٩٥٩ع ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان پهريون انعام - ڪنور- جي جيونيءَ تي مليو. جنهن ڪتاب جي وڏي ۾ وڏي خاصيت اها چئجي جو امر شهيد ڀڳت ڪنوررام کي ڌارمڪ سنت فقير جي اميج کان اڳتي وڌائي فن ۽ شخصيت جي گوناگون پهلوئن کي اُجاگر ڪري محدود دائري کان ٻاهر ڪڍي ناياب ادبي سرمائي واري سوغات ڏني.

تيرٿ بسنت جي ساهتيه اڪادميءَ جي انعام يافته ڪتاب - ڪنور- جي باري ۾ پبلشر لکي ٿو، ساهتيه ڪنهن قوم يا جاتيءَ جي سڀيتا ويچار وڪاس ۽ ترقيءَ جو آئينو آهي. هيءَ ڪتاب بيدار مغز ۽ زنده دل جذبن هيٺ لکيو ويو آهي. ٻئي طرف ان ڪتاب جو مهاڳ لکندڙ لعل سنگهه اجوائيءَ لکيو آهي - تيرٿ بسنت جي ڪا اڳئين جنم ۾ چڱي ڪمائي ڪيل آهي، جو شهيد ڪنوررام جي جيون ۽ ڀڳتيءَ تي قلم هلائڻ جو شرف مليو اٿس.

ڪنواڻي، لڇمڻ ڪومل ۽ سنڌ جا ڪيترا اديب شاعر ۽ فنڪار شامل هئا. سندس شخصيت ۾ وهنوار مان اهو احساس بلڪل نه ٿيو ته هو عظيم آهي. اول درجي جو تخليڪار آهي. سندس قد بت پورو پنو، وار ڪجهه هلڪا ۽ آواز ڪجهه ٻين کان نرالو، سنهو. بي باڪ، بيپرواهه، صاف گو، سچ چوڻ کان ڪين هچڪچائيندو هو. مٿان ڏسڻ ۾ سخت طبيعت جو مالڪ پر اندر ۾ عام رواجي. اهو احساس لطيف ڪانفرنس جي ٽن ڇئن ڏينهن دوران ٿيو. عام طور هن جي هرديه جي سچائيءَ کان اڻ واقف، پر ڪرو ڪرو چوڻ وارو مرد مجاهد ۽ بي پرواهه بادشاهه به هو. دهليءَ جي لوڌي ڪالونيءَ ۾ رهائش پذير هو. تيرٿ بسنت سان پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ پڻ ملاقات ٿي. جنهن جو اڳتي هلي ذڪر ڪبو. سندس جوانيءَ جي تصويرتي جڏهن نظر وجهون ٿا ته جاڻ پوي ٿي ته هو ڪپڙي لٽي جو شوقين هو. هوُ سفيد قميص ۽ پينٽ سان گڏ ڪالرواري قميص جي بند بٽڻ سان ڪارو بو ٽانل نظر اَچي ٿو. اصول پرست. هن قلم کي پنهنجو جيون ساٿي بڻايو. سنگيت لاءِ هن کي پريم هو. جيڪي سنگيت جي باري ۾ احساس ۽ جذبا پنهنجي - ياد - عنوان تحت - خوشبو ڪتاب ۾ پيش ڪيا آهن، تنهن مان جهلڪن ٿا.

سنگيت جي نرالي نرليپ جڳت ۾ ڪو جادو آهي، ان جي انوکي اثر هيٺ ڪن پل لاءِ گوندر غم ڪافور ٿيو وڃن. گيت پانت پانت جا ٿين ۽ هر ڪنهن جي سياءُ انوسار انهن جو اثر پڻ نرالو ٿئي.

سدا حيات ليکڪ جي شخصيت جو مختصر بيان ڪرڻ کانپوءِ، سندس لاهن چاڙهن واري زندگي ۽ ادب سفر تي نظر وجهنداسين.

تيرٿ بسنت جو جنم ٧ سيپٽيمبر ١٩٠٩ع تي خيرپور اسٽيشن پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ لقمان ۾ ٿيو. ننڍڙي ڇمار ۾ ماءُ جي ممتا جي سايي کان محروم ٿي ويو. هو چوي ٿو مان زندگي پرست آهيان، جنهن ڪري موت جو ڊرو به ڊپ نه اٿم پر جڏهن انسان پنهنجن جو وڇوڙو ڏسي ٿو ته رت جي ڇڪ ۽ ولوڙ انسان کي بيچئن ڪري ٿي ڇڏي - خوشبو - ڪتاب ۾ لکي ٿو :

هينئر به جڏهن اُها پريات ياد ٿي اَچيم، جڏهن نِڪر جي کُني ۾ وڏي امان جي جوت رکي ميرواهه ۾ پرواهه ڪرڻ ويس ته نيڻن مان نير جهر جهر ڪري

آتيلو. ٽئگور جي رچنا - چترا - ڪجهه ٻيون رچنائون اتهاس درشن - مضمون، سچ ڇا آهي، مهاڀارت جو ساڙ ميران ناٽڪ وغيره شامل آهن.

پنهنجي يادگيرين ۾ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ڀڳتين ۽ سنگيت محفلن جي باري ۾ سنڌ جي صوفي شاعرن روحل فقير، درياخان ۽ ڀڳتن، ڳائيندڙ فنڪارن ماسٽر چندر ۽ ٻين جي محفلن جو هن ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو اسان جي ڳوٺ کان چارڪوهي ۽ تي ڪنڊڙي هئي، جتي روحل ۽ درياخان جهڙا مشهورشاعرٿي گذريا آهن. روحل جو ڪلام ڏيندي چوي ٿو. سندس انسان دوستي ۽ غيرتعصب ڏسو:-

هڪ هندو ٻيو مُسلمان، ٻيون وچ وڏائون وير
انڌن اونڌهہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير
روحل راهہ پرين ۽ جي، جڏهن گهڙي ڏٺو سون گهيڙ
رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير (روحل)

پنهنجي رچنا جي باري ۾ لکي ٿو مان ليک ڪيئن لکندو آهيان؟ مشڪل آهي معلوم ڪرڻ تہ مان ليک ٿو لکان يا ليک مونکي ٿا لکن. ڪڏهن سورڪائي ست نہ لکان، تہ ڪڏهن رهڙي وڃان ورق.

ڪلا جو ڪرتب آهي پاڻ سان سچي ٿيڻ پاڻ پسائڻ، مونکي ڄاڻ نہ آهي تہ آءٌ ڪيتري قدر ان تي عمل ڪري پنهنجو انتهہ ڪرڻ اُجاري سگهيو آهيان. ليڪن خود خيالي ۽ جي خصلت کي روڪ ريچڪ سميرڻ لاءِ هرڪائيندي آهي. تہ ڪو ليک يا آکاڻي سنڌي ٻولي ۾ لکندو آهيان. اها منهنجي ماترڀاشا آهي ۽ منهنجو امان سان اَٽينٽ پريم آهي.

مٿين لکڻين مان ليکڪ جي ماترڀاشا سان پيار ويچارن ۽ سوچ جي ڄاڻ بخوبي ۽ پوي ٿي. سندس مضمونن جي خاص ڳالهہ اها آهي جو ٻول چال واري ڀاشا ۽ ننڍا ننڍا جملا هن ڪتب آندا آهن.

١٩٨٧ع کان پوءِ سندس وفات کان پهرين ڪجهه مهينا اڳ سال ١٩٩٤ع ۾ هن سان ملاقات ٿي. زماني جي گردش، وقت ۽ حالتون ڪهڙو موڙ اختيارڪن ٿيون، ان کان اسين بي خبر رهون ٿا. بي رحم وقت هن سان جيڪو ڪيڏ ڪيڏيو ۽ سماج جي بي رُخي ۽ ڪهڙو ستم ڪيو، تنهن تي افسوس ٿيندو آهي. پڇاڙي ۽ وارا ڏينهن هن لاءِ دردناڪ ثابت ٿيا. جنهن کي ڏسي ملال ٿيو. ڪٿي ۽ ڪيئن ٿو

انعام تي چؤ ٻول ٻہ ڏيو هو جنهن جي باري ۾ آئيني جي اڳيان پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو اهو تہ عالم عاشڪار آهي تہ سنڌين جو ادبي ذوق ۽ علمي شناس ايڏي وسيع آهي، جو ڪنهن تي اک ئي نہ ٻڏين. البت پئسن تي ڪن جو وات پاڻي پاڻي ٿئي تہ عجب نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ مون جهڙي اڻڄاڻ کي انعام ڪيئن مليو.

جيئن مون شروع ۾ ذڪر ڪيو تہ هو اصول پرست هو. سنڌ جي سنڌي ادبي بورڊ هن جي ڪتاب - چڻنگون -کي انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، هن جي ڪتاب ۾ ڪنور جي خون ڪرائڻ بابت پرچنڊي جي پير هٿان ڪنور جي خون جي ڳالهہ هئي. هن اُهي ٻہ سٽون نہ هٽايون ۽ انعام کي ٺڪرائي ڇڏيو. امريڪي فائونڊيشن طرفان هن جي ساهتيہ تي جيرامداس دولترام تمام سُٺو نوٽ لکيو تہ ٻئي طرف هن جي ساڳي ئي رچنا تي ٻئي ساهتيڪار تنقيدي ۽ مخالفت ڀريو خط لکيو، تيرٿ بسنت کي چيو ويو تہ اهو مخالف وارو رائيٽ اَپ نہ موڪلي. ٻئي ڪنهن کان پنهنجي حق ۾ رائيٽ اَپ لکائي ۽ هن لاءِ گهٽائي لکڻ لاءِ تيار ٿيندا، پر هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو. تہ ٻئي پهلو هجڻ فيصلو ججن تي ڇڏيو. جڏهن هونو لولو مان انعام جو خط هن وٽ آيو تہ سائيٽيشن ۾ لکيو ويو هو -ڪين فخر آهي تہ هھڙي اعليٰ علمي ڪتاب کي انعام ڏيڻ جو شرف مليو اٿن. (آئيني اڳيان - تيرٿ بسنت)

تيرٿ بسنت کي ١٩٥٩ع ۾ امريڪا جي جي. جي. بي. ڊبليو فائونڊيشن طرفان سنڌس ڪتاب ساهتيہ سار- تي هڪ هزار ڊالر ۽ گولڊ ميڊل سان نوازيو ويو. ١٩٧٩ع ساهتيہ ڪلا پريشد طرفان سنڌس سيوائن لاءِ ڪيس اوارڊ سان ٻہ نوازيو ويو.

ڏات ڏٺي تيرٿ بسنت جا ٢٩ ڪان مٿي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جنهن ۾ ترجما بہ شامل آهن. ڪجهہ ڪتاب هن طرح آهن. ١٩٤٠ع ۾ چڻگون - ١٩٦٢ع ۾ ساهتيہ سار- ١٩٨٠ع ۾ ڪويتائون - آواز- ١٩٨١ع ۾ جيون جوالا (ون ائڪٽ پلي) ١٩٨١ع ۾ - ماٺهو - ڪهاڻيون ١٩٧٢ع، ١٩٧٨ ۾ گانڌيءَ جي آتم ڪٿا جا ٽي واليومس، ١٩٤١ع ۾ جواهرلعل نهروءَ جي آتو بائگرافيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. وليم شيڪسپيئر جا انواد ڪيل ناٽڪ ١٩٨٠ع ۾ هيمليٽ ۽ ١٩٧٧ع ۾

’ٽئگور ۽ سنڌي ساهت‘ تي سيمينار

انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جي سهڪار سان ۲۲ ۽ ۲۳ آڪٽوبر ۲۰۱۱ تي ايشوري جيوت بخشاڻي هال آديپور ۾ ’ٽئگور ۽ سنڌي ساهتيہ‘ وشيہ تي هڪ سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو.

چنڇر ۲۲ آڪٽوبر ۲۰۱۱

سيمينار جي مهورتي جلسي جي صدارت سنڌيءَ جي برک شاعر شري ارجن حاسد ڪئي. ساهتيہ اڪادميءَ جي ممبئي شاکا جي انچارج ڊاڪٽر خورشيد عالم سيني شرڪت ڪندڙ ڊيليگيٽن، مقالا پڙهندڙ اديبن ۽ وڏي تعداد ۾ آيل ساهتيہ پريمين جو سواڳت ڪيو ۽ اڪادميءَ جي مشغولين بابت بہ تفصيل ۾ جاڻ ڏني. شري واسديو موهي اڪادميءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جي ڪنوينر ’ٽئگور ۽ سنڌي ساهت‘ تي رٿيل هن سيمينار جي اهميت بڌائيندي چيو تہ سڄي ڀارت ۾ ٽئگور جي ڏيڍ سو جنم جينتي ملهائي ٿي وڃي. سنڌي ساهت تي بہ ٽئگور جو گهرو اثر پيو. هن سيمينار ۾ گڏ ٿيل ودوان ٽئگور جي سنڌي شاعري، ناولن، ناٽڪن تي ٿيل اثر سان گڏ ٽئگور جي حياتيءَ ۽ شخصيت تي بہ پنهنجا مقالا پڙهندا. پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ پنهنجي ڪي نوٽ ائڊريس ۾ چيو تہ وشو سنسٿا ’يونيسڪو‘ سال ۲۰۱۱ کي ’ٽئگور سال‘ طور ظاهر ڪيو آهي.

بنگال هونءَ بہ گهڻا جادوگر ڏنا آهن. ٻي. سي. سرڪار ئي نہ، رام ڪرشن پرمهنس، سوامي وويڪانند، اروندگهوش، ستيہ جيت ري، سُنيتي ڪمار چٽرجي، شرت بابو، بنڪم بابوءَ جيان انيڪ هستيون پنهنجي پنهنجي کيتر جا مهان جادوگر رهيا آهن. روي بابو بہ هنن جيان هڪ مهان ڪرشمائي شخصيت هو. ٽئگور چواڻي In Art man reveals himself. اڄ اسان هت ٽئگور ۽ سنڌي ساهت وشيہ تي سوچ ويچار ڪرڻ وارا آهيون. ٽئگور جو سنڌي

وقت ملائي ان جو تصور مون ڪونہ ڪيو هو. ريڊيو پاران گجرات ۽ سوراشٽر جي شهرن ۾ ڪن شخصيتن جي - وساريو نہ وسرن - سنڌ جي يادگيرين ۽ بين پروگرامن لاءِ انٽرويو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ۱۹۹۴ع ۾ بڙودي وڃڻ ٿيو. جتي مون خواهش ظاهر ڪئي تہ مونکي ڪن بزرگن جا انٽرويو وٺڻا آهن. بڙودي وارن مونکي اُتي جي بڌا آشرم ۾ وٺي هلڻ جو پروگرام ناهيو. اوچتو تيرٿ بسنت تي نظر پئي، پهرين تہ هن مونکي سُڃاڻڻ کان انڪار ڪيو پرپوءِ سنڌس اکين ۾ پاڻي اَچي ويو. دهليءَ جا حال احوال ورتائين. جنهن ذات ڏٺيءَ پنهنجي سڄي زندگي ادب جي حوالي ڪئي، اُهو انسان ڪنهن علمي ادبي اداري ۾ هئڻ کپندو هو اُن بدران غير تخليقي ماحول ۾ گهيريل ڏٺم. تنها ويڳاڻو ويڳاڻو. هن ٻڌايو تہ سندس ناياب ڪتابن جو ذخيرو ڪو چورائي ويو آهي، مونکي بي حد افسوس ٿيو. واپس اَچي - هندواسيءَ ۾ هن تي آرٽيڪل لکيم، ان جي ردي عمل طورپوني مان پروفيسر ايشوري جوتوانيءَ فون ڪري شاباس ڏني تہ تو اسان جي اکيان اها سچائي آندي.

تيرٿ بسنت تي هندواسيءَ ۾ ان آرٽيڪل ڇپجڻ کان پوءِ تيرٿ بسنت جا ڪي عزيز بڙودي مان هن کي واپس پوني وٺي آيا. اُن بعد ۳۰ سيپٽمبر ۱۹۹۴ع تي لقمان ڳوٺ جي لاڏلي، سنڌي ادب جي اصول پرست اديب هن جهان کي الوداع ڪيو. خوشبو آڏو پنهنجي ڪتاب ۾ اوائلي دور ۾ هن لکيو هو - آءٌ زندگي پرست آهيان. جنهنڪري موت جو ڏرو بہ ڊپ نہ اٿم. پرپڇاڙيءَ وارن ڏينهن جي حالتن، ماحول ۽ زماني جي گردش هن مرد مجاهد کي مُنجهائي ڇڏيو.

هن قلم ڌڻيءَ جا ادبي مشعال ٻاري آهي، ان کي اڳتي وڌائڻ جو فرض سڄاڳ ذهنن ۽ ادبي ذوق رکندڙن تي عائد ٿئي ٿو. تيرٿ بسنت جي فن فڪر ۽ شخصيت کي پنهنجي سوچ آهر اوهان اڳيان پيش ڪيم. شيخ اياز جي هن شعر سان عقيدت پيش ڪندي پورو ڪرڻ چاهينديس :-

مشعال ڇڏي ٿو مان وڃان
ور ور اُها ئي ٻارجو
سا توڙ تائين تارجو (اياز)

C - 84, Inder Puri,
New Delhi - 110012

روشني وڌا پنهنجي مقالي ۾ ڪوي رويندر ٽئگور جي مختصر ادبي واقفيت ڏيڻ سان گڏ سنڌيءَ ۾ انواد ٿيل ڪهاڻين جو ٿوري ۾ ذڪر ڪيو ۽ سنڌي ادب تي انهن جو اثر تي روشني وڌي آهي. روشنيءَ پنهنجي هن مقالي ۾ ٽئگور جي جيون ۽ رچنائن جو ڇٽو اثر بن سنڌي شخصيتن تي ڏيکاريو آهي. راڄنيتيءَ ۾ سرگرم سوپو گيانچنداڻي ۽ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس ڪرشن کٽواڻي. ٻنهي کي 'شانتينڪيتن' ۾ وديا پراپت جو لاڀ حاصل ٿيو هو.

ٻيون اجلاس

لنچ کانپوءِ سيمينار جي ٻين بئنڪ جي صدارت ڊاڪٽر موتي پرڪاش ڪئي. ناگپور کان آيل پروفيسر ونود آسوداڻيءَ **'شاهه ۽ ٽئگور'** وشيہ تي پنهنجو عالماڻو پيپر پڙهيو ۽ اُن تي تاثرات پيش ڪيا موهن گيهاڻيءَ.

ونود آسوداڻي ۽ پنهنجي هن مقالي ۾ 'شاهه ۽ ٽئگور' جي شاعريءَ جو تلناتمڪ اَڀياس پيش ڪندي دنيا جي ٻنهي اعليٰ درجي جي شاعرن جي شاعريءَ تي کهڙين کهڙين ڳالهين اثر ڪيو ۽ انهن جي تخليق ڪيئن سماج ۽ ماحول کي متاثر ڪيو ۽ اهڙا کهڙا موضوع هئا، جن تي هنن شاعرن پنهنجي قلم آزمائي ڪئي، اهڙن سڀني پهلن تي روشني وڌي.

شاهه ۽ ٽئگور جي شاعري پڙهندي هرڪو پاڻ ان ڳالهہ کي محسوس ڪري سگهيٿو تہ هي ٻہ ئي شاعر انساني ملهن جا شاعر آهن. انسان جي خدمت ۽ انسان جي عظمت هنن جي شاعريءَ جو پختو آڌار آهي. انسان ذات کي دک درد، لاچاري، غريبي، انڌ وشواس، آڊمبر جهڙن بندنن کان هي شاعر آجو ڪرڻ چاهن ٿا.

هن بئنڪ ۾ ٻيون پيپر سنڌالاجي لائبريرين مڪيش تلوڪاڻيءَ **'ٽئگور ۽ سنڌي'** وشيہ تي پڙهيو ۽ اُن تي پنهنجا تاثرات پيش ڪيا ٿاڻي کان آيل پروفيسر سريتا شرما. مڪيش پنهنجي مقالي ۾ بنگال مان ڪيئن نئين جاڳرتيءَ جي فضا سنڌ ۾ پهتي ۽ ٽئگور جو هڪ اولياءَ جيان سنڌ جي ياترا تي اچڻ جو تفصيل ۾

ساهتيہ سان ناتو، هن جو سنڌي ساهتيہ تي سڌو توڙي اڻ سڌو اثر سنڌ ۽ سنڌين سان ٽئگور جو سنبنڌ ۽ هن جي ساهتيڪ شخصيت کي ياد ڪنداسين. اهائي هن سيمينار جي مکيہ مراد آهي.

صاحب بڄاڻيءَ پنهنجي چيدي، سپڪ سنڌيءَ ۾ ٽئگور جي گيتانجليءَ مان منگهارام ملڪاڻيءَ جون ترجمو ڪيل ڪوتائون برزبان ٻڌايون. سيني ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ درشڪن جا بہ ٿورا مڃيا جيڪي ٻن ڏينهن جي هن سيمينار ۾ شرڪت ڪري رهيا هئا ۽ ٽئگور جي رچنائن تي شام جو ڪلچرل پروگرام پيش ڪرڻ وارا هئا.

پهريون اجلاس

سيمينار جي پهرين بئنڪ جي صدارت انگريزيءَ ۾ لکندڙ احمدآباد جي برک سنڌي ليکڪا ريٽا ڪوناريءَ ڪئي. تولاڻي ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندڙ ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻيءَ ٽئگور **'شخص ۽ ڪلاڪار'** وشيہ تي پيپر پڙهيو. ۽ پاونگرڪان ويجهڙائيءَ ۾ رٽائر ڪري آيل پرنسيپال نرملا آسناڻيءَ ان پيپر تي پنهنجا تاثرات پيش ڪيا.

ومي سدارنگاڻي پنهنجي پيپر ۾ چيو تہ مونکي اها ڳالهہ محسوس ٿي آهي تہ ٽئگور کي پڙهڻ لاءِ نہ، پر محسوس ڪرڻ لاءِ آهي. هنئين سان هنڊائڻ لاءِ آهي. هن مقالي ۾ ومي ربندرنات جي زندگيءَ جو احوال درج ڪرڻ سان گڏ، سندس رچنائن ناولن، ڪهاڻين ڪوتائن تي بہ روشني وڌي. تعليمي کيتر ۾ شانتينڪيتن جي ١٩١٨ ۾ استاپنا پارتي ذهن جي اوسر لاءِ هڪ وڏو انقلابي قدم هو. يورپ ۽ پڇم جي بهترين قدرن ۽ پنهنجي پارتي سنسڪرتي خواه مادري ٻوليءَ لاءِ پيار جو بہ ان ۾ سندر سماويش هو. سنگيت، ساهتيہ ۽ ڪلا جي سکيا تي وڌيڪ زور ڏنو ويو هو.

سيمينار جي هن پهرين بئنڪ جو ٻيون مقالو روشني روهڙا جو **'ٽئگور جي ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو - انهن جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي اثر'** بابت هو. مقالي تي پنهنجا تاثرات پيش ڪندڙ هو ٻني علائقي جو سنڌي ڪهاڻيڪار ڪلاڌر متوا.

’ڦل چونڊ‘ (Fruit gathering) ۽ ٻال چندرما (Crescent Moon) تي سنو تبصرو پيش ڪيو. نارايڻ شيام جي ترجمو ڪيل اُروشيءَ تي رائزني ڪندي هن چيو ’نارايڻ شيام پنهنجي وراثت ۽ ٻوليءَ کان بخوبي واقف هئا. انهن هڪ لفظ ’مومل‘ جو استعمال ڪري انهن سٽن کي وڏي وضاحت بخشي آهي.

چوٿون اجلاس

ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي صدارت ۾ سنڌالاجيءَ جي ئي اسڪالر روشن گوپلاڻيءَ **’ٽئگور جا ناول سنڌيءَ ۾ ۽ اُنهن جو سنڌي ناولن تي اثر‘** وشيہ تي مقالو پڙهيو. هن تي هنديءَ جي ٻرک ڪهاڻيڪار ناول نويس رائپورڪان آيل جيا جادواڻيءَ تبصرو ڪندي ساهت ۾ ناول جي تفصيل ۾ عالماڻي وياکيا ڪئي.

پڇاڙيءَ وارو مقالو ڪلاڌرمتوا جو **’ٽئگور جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ انهن جو سنڌي ناٽڪ تي اثر‘** پيش ڪيو. هن تي تاثرات پيش ڪيا لڇمڻ ڀمڀاڻي.

سماپن اجلاس

سماپن اجلاس جي صدارت پروفيسر آسن واسواڻيءَ ڪئي. سڀني مقالن تي واسديو موهيءَ پنهنجا تاثرات پيش ڪندي هن سيمينار جون ڪيئي حاصلاتون ٻڌايون. ٻن ٻرک انگريزي ۽ هندي ليکڪائن ڊاڪٽر ريتا ڪوناري ۽ جيا جادواڻيءَ جي شرڪت، ناگپورڪان آيل ٻن ٻائرن ونود ۽ راجيش آسوداڻي جو پنهنجي اندرين اکين سان پيش ڪيل عالماڻو مشاهدو ۽ سيمينار ڪلچرل ڪئلاش شاداب جهڙي پڪي پختي ليکڪ جي ڀرپور شموليت. سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر شري لکمي کلاڻيءَ پڇاڙيءَ ۾ سڀني جي شڪرگذاري مڃڻ جو دستور نباهيو.

۽ هي سيمينار بيحد ئي خوشگوار ماحول ۾، هڪ ٻئي سان پريت جا پيچ پختا ڪندي، ’سدائين گڏ‘ جي صدا سان سماپت ٿيو.

6, Maleer, Ward 4-A
Adipur - 370205

ورنن ڪيو آهي. ٽئگور جي ساهت جو ترجمو ٿي چڪڻ ۽ پاڻڪن جو ان جي پرپور آجيان ڪرڻ جو احوال درج ڪيو آهي. اهو به لکيو اٿائين ته ڪوي ڪشنچند بيوس هر هفتي لاڙڪاڻي ۾ 'گيان باغ' ۾ گيتانجليءَ تي ڪلاس هلائيندو هو.

آرتوار ٢٣ آڪٽوبر ٢٠١١

ٽيون اجلاس

جئپور جي مشهور ليکڪ ۽ 'سُرڀي' جي سمپادڪ شري لڇمڻ ڀمياڻيءَ جي صدارت ۾ صبوح جو ڏهين بجي کان ٽين بئٺڪ ۾ ناگپور کان آيل پروفيسر راجيش آسوداڻي **'گيتانجليءَ جا سنڌيءَ ۾ ترجما'** وشيه تي پيپر پڙهيو ۽ اُن تي تاثرات پيش ڪيا گذريل سال جو ساهتيه اڪادمي انعام حاصل ڪندڙ جهوناڳڙه کان آيل برک شاعر لڪشمڻ ڏُبي.

راجيش پنهنجي پيپر ۾ اسانکي ٻڌايو ته گيتانجليءَ جا سنڌي ۾ ٽي ترجما موجود آهن. دليپسنگهه ماٽڪاڻيءَ جو (١٩٢٦)، منگهارام ملڪاڻيءَ جو (١٩٤٢) ۽ گوبندرام سلامتراءِ رائسنگهاڻي 'سائل' جو (١٩٧٦)، جتي ٻين ٻولين ۾ اُن جا اڪيچار ترجما ٿيا آهن. اهاڳالهه ان جو ثبوت آهي ته سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪندڙن جي اڻاڻ آهي ۽ جيڪي به ترجما ٿيا آهن، سي به ترجمو ڪندڙ شاعر ناهن بلڪ ٽئگور لاءِ شخصي عقيدت جو نتيجو ٿا لڳن. جيتوڻيڪ هنن ترجمن جو پنهنجو هڪ مهت ۽ ادبي معيار آهي، پر هي ترجما عام پاڻڪن ۾ جيترا مقبول ٿيڻ کپندا ها، اوترا مقبول ٿي نه سگهيا آهن.


هن بئٺڪ جو ٻيون مقالو رائپور کان ڪئلاش شاداب **'ٽئگور جي ڪوتا جا سنڌي ترجما'** (گيتانجليءَ کانسواءِ) پيش ڪيو ۽ اُن تي تاثرات پيش ڪيا اُلهاسنگر کان آيل آر. ڪي. تلريجا ڪاليج جي پروفيسر ڊاڪٽر آشا رنگواڻي. شاداب 'سنڌ' کان ويڇهڙائيءَ ۾ هند اچي هت ٽانئيڪو ٿيو آهي. سندس پڪي پختي عبارت ۽ ادبي سوجهه ٻوجهه اُن جو پڪو ثبوت پيش ڪيو. شاداب ٽئگور جي ڪوتائن جي ٻين سنڌي ترجمن 'پريت جا گيت' ۽ 'سدا گلاب' (Gardner)



’گرديو جي چرنن ۾‘ پروگرام ناٽڪ ڪابلي والا ۾ هني، مڪيش، مهيش ۽ چمپا



’گرديو جي چرنن ۾‘ پروگرام ۾ گيتانجليءَ مان گيت تي ٻڌل اسڪٽ
۾ ڪومل ديالاڻي ۽ راهل آسناڻي




’ٽئگور ۽ سنڌي ساهت‘ جو مهورتي اجلاس


لکمي کلاڻي، واسديو موهي، نامديو تاراچنداڻي ۽ خورشيد عالم



’ٽئگور ۽ سنڌي ساهت‘ سيمينار ۾ درشڪ



لڪشمڻ دُبي



اَرجن حاسد




ونود آسوداڻي




جيا جادواڻي



نرملا آسناڻي، روشني روھڙا، ومي سدارنگاڻي ۽ ريتا ڪوٺاري
ٽئگور ۽ سنڌي ساھت)





ٽئگور جي گيتن تي ڪلاسيڪل نرت پيش ڪندي ڊاڪٽر جيا اَننداڻي



راهل آسناڻي



راهل آسناڻي ۽ مهيش ڪلواڻي

(ٽئگور جي ڊاڪ گهر ناٽڪ ۾)

روشن گوپلاڻي، پونم لعلواڻي، ڪرڻ گوسوامي، پرت واڌواڻي، تروڻ ريجهواڻي، تلسي ٿاواڻي ۽ مهيش ڪلواڻي. ياد رهي ته ٽئگور جو ڪوبه ناٽڪ سنڌيءَ ۾ اڃا نائين ڪونه ٿي سگهيو آهي. درشڪن کي ڪلاڪارن جي اداڪاريءَ ڪافي متاثر ڪيو. پروگرام جي مکيه مهمان - ايس. آر. سي. جي چيئرپرسن شريمتي نرملا گجواڻي عليل طبيعت ۽ وڏي اوسٿا جي باوجود شروعات کان آخر تائين ويٺي رهي. پنهنجن هٿن سان ڪلاڪارن جو سنمان ڪيائين، پنهنجي تقرير ۾ سنڌالاجيءَ کي اهڙو ناٽڪ اِسٽيج تي پيش ڪرڻ لاءِ مبارڪون ڏنائين.

٢٢ آڪٽوبر ٢٠١١ تي پروگرام جي شروعات وري به ڊاڪٽر جيا انندواڻيءَ جي ڪلاسيڪل نرت سان ٿي. گيتانجليءَ مان گيت هو 'ڪَنُ سندس خاموش آهٽ ڏي ته ڏي'. راڳ ڀوپالي، رامڪلي ۽ ميان کي ملهار ۾ ڳايو هو ڪلاسيڪل انداز ۾ ڪاجل چاپا. اِن بعد ٽئگور جي گيتانجليءَ مان هڪ ڪهاڻيءَ واري ڪوتا 'ڳوٺ جو چارو ڏيئي نڪتيس ....' تي ٻڌل هڪ ننڍڙو اِسڪٽ 'ڏيندين ته ڏيندس' پيش ڪيو ويو. ڪلاڪار هئا ڪومل ديالاڻي ۽ راهُل آسناڻي. اُن بعد ٽئگور جي ڪهاڻي ڪابلي والا کي گوبند مالهيءَ پاران ناٽڪي صورت ۾ آندل ناٽڪ پيش ڪيو ويو. ياد رهي ته ١٩٦١ ۾ لکيل مالهي صاحب جو هيءُ ناٽڪ به پهريون دفعو ئي اسٽيج تي پيش ٿيو. مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ اداڪار هئا مهيش ڪلواڻي پاڻ، هني ڪلواڻي، مڪيش تلوڪاڻي، چمپا چيتناڻي، تلسي ٿاواڻي ۽ پارتي آسناڻي. موقعي جي مکيه مهمان شري پريم لعلواڻي ڪلاڪارن جو سنمان ڪندي سڄي پروگرام کي بيحد ساراهيو. شري صاحب ٻڌايو ته ٻئي ڏينهن پروگرام جي ڪارروائي پنهنجي دستوري نوع ۾ هلائيندي وچ وچ ۾ حاضرين کي ٽئگور جي ڪوتائن جو لطف به پيئي ونايو.

Maleer -22
Adipur - Kutch - 370205

سيمينار جي موقعي تي
ٽئگور جي گيت سنگيت، ناٽڪ نرتيہ جي پيشڪش

گرديو رٻندرناٿ ٽئگور جي ١٥٠ جنم شتابدي سال جي سلسلي ۾ سنڌالاجيءَ طرفان آديپور جي پرڀو درشن ايئرڪنڊيشنڊ هال ۾ ٢٢ ۽ ٢٣ آڪٽوبر ٢٠١١ شام جو ٧ ٻجي کان ٻاهران آيل اديبن ۽ مڪاني درشڪن لاءِ هڪ رنگارنگي پروگرام رکيو ويو، جنهن جو عنوان هو 'گرديو جي چرنن ۾'. شروعات ۾ صاحب ٻجاڻيءَ پروگرام جي ڪارروائي هلائيندي چيو تہ ٽئگور هڪ بہ رنگي ورات روپ وارو ڪلاڪار هو. اڄوڪي شام اسين سڀ ٽئگور جي چرنن ۾ ويهي سندس رچنائن جو لطف پاڻ سان گڏ کيس بہ وٺائينداسين، پر سنڌيءَ ۾. سڀ ۾ هو ضرور پنهنجين رچنائن کي سنڌي روپ ۾ سڄاڻي اَسانکي دعائون ڏيندو.

٢٢ تاريخ پروگرام جي شروعات ٿي ٽئگور جي گيتانجليءَ ۾ 'جوت ڪٿي آ جوت جڳاءِ' گيت تي نرت سان. آواز هو مڪاني ڪلاڪار سپنا رائسنگهاڻيءَ جو. گيت ۾ شاستريہ سنگيت ۾ مُرڪون، سرگم، پلٽا ۽ آلاپ ڏنا هئا بر ڪ مڪاني شاستريہ سنگيت گائڪا ڪاجل چاپا. پارت ناٽيم جي نرت ڪلاڪار ڊاڪٽر جيا اَننداڻيءَ اسٽيج تي پيررکڻ سان ئي پنهنجي چهري جي مدرائن ۽ اَنگن جي چستي ۽ ڦڙتيءَ سان نرت ڪندي درشڪن کي موهي ڇڏيو.

نرت بعد ٽئگور جو جڳ پرسڌ ناٽڪ 'ڊاڪ گهر' ڏيکاريو ويو. هن سنجيدي ناٽڪ جو هدايتڪار هو شري مهيش ڪلواڻي. اداڪار هئا : راهل آسناڻي، پاويش ڀهراڻي، پرڪاش مائيداساڻي، اَشوڪ آسناڻي، مڪيش تلوڪاڻي، منيش شرما،

توهان طرفان

ايس. ڊي. بصراڻي (جهوناڳڙه)

رچنا جو انڪ ۱۲۱ جولاءِ - سپٽمبر ۲۰۱۱ جو ڊسمبر جي پهرئين هفتي ۾ پهتل آهي. ڪافي انتظاري بعد انڪ ملندو آهي.

هر دل عزيز شاعر پرسرام ضيا جو فوٽو مکيه پرشٺ تي ڏسي خوشي ٿي. 'رچنا' ۾ سندس جيونيءَ تي به روشني وِڌي وئي ها ته پاٺڪن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ها. هن شاعر جي رچنائن جو الڳ سنگره نڪتل هجي ته ڄاڻ ڏيندا. (آلاپ - ضيا ڪانسواءِ) - صرف چار درجا سنڌي پڙهيل هن شاعر - شاعريءَ ۾ پنهنجو مقام خوب اوچو بڻايو آهي. ماسٽر چندر جي صحبت، سندس شاعريءَ کي عوام اڳيان آڻي سنڌي قوم ۾ الڳ جاءِ ڏياري آهي. سترام روهڙا هن شخص کي پرکيو ۽ پيگونتي ناواڻيءَ جي مڌر ڪنٺ سان سنڌيءَ ۾ 'سُکمني' جون ڪيسيٽون تيار ڪرائي سنڌي قوم سان وڏا وڙ ڪري ضيا صاحب کي امر ڪري ڇڏيو آهي.

خوب ننڍي عمر (۴۷ سال ۳ مهنا ۱۷ ڏينهن) ۾ هن شاعر اوچو مقام پراپت ڪيو. پرسرام ضيا جي ديهانت تي سنڌي شاعرن جي شرڌانجليءَ مان هن شاعر جي شخصيت ۽ صحبت اُجاگر ٿئي ٿي.

واسديو موهيءَ جي ڪهاڻي 'پنڊاري' ۽ ايشورپارتيءَ جي ڪهاڻي 'جهوبو' ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. ايشورپارتيءَ هن ڪهاڻيءَ معرفت 'سوڙ' آهر پير ڊگهارڻ جي نصيحت ڏيڻ جي ڪوشش طرف ڌيان ڇڪائيندي، اڄ جي زالن کي پتيءَ جي مالي آوڪ ڌيان ۾ رکي گهر جي خرچ ۾ ڌيان ڏيڻ لاءِ سنديشو ڏنو آهي. لڇميءَ جهڙي پتني، بس ۾ بينل پتيءَ جي لباس ۽ ڏاڙهيءَ طرف برابر ڌيان نه ڏيئي سگهي ۽ گهر اچڻ ڪانپوءِ سندس پتي پرشوتم جي ڪوٽ جي ڪف وٽان ريشمي اَستر جو ٽڪرو ٻاهر لٽڪندو ڏسي دنگ رهجي وڃي ٿي.

لکمي ڪلاڻيءَ رابندرناٿ ٽئگور، شانتينڪيتن ۽ سندس آزمودن ۽ رابندرناٿ ٽئگور جي ساهتيڪ اوچاين بابت روشني وجهي سني ڄاڻ ڏني آهي.

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

















Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540